

ايڊيٽر:

امرتا

سب ايڊيٽر:

عاليه بخشل

ايڊيٽوريل بورڊ:

مقصوده رتڙ، ماروي لطيفي
بلقيس، پريانڪا، فهميده

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ:

انور حسين سومرو

قيمت: =/20

Facebook page
Women Democratic Front
ناري جمهوري محاذ (سنڌ) AWP

لکپڙهه لاءِ ايڊريس

فليٽ نمبر 310- 311 V.I.P اپارٽمينٽ، مين قاسم آباد، حيدرآباد.

فهرست

ايڊيٽوريل

امرتا

عزت جي قربان گاھه ۾ عورت

ڪنهن ڪچهريءَ ۾ هڪ ڪامريڊ دوست چيو هيو ته مان گهر ۾ هڪ غلام (زال) رکي پاڻ کي ڪيئن آزاد ڪري سگهان ٿو؟

مان ان جملي مان تمام گهڻو متاثر ٿي هيم ته واقعي منهنجي آزادي سماج جي آزاديءَ سان جڙيل آهي. انسان حقيقي طرح تڏهن ئي آزاد ٿي سگهي ٿو جڏهن هُن جي آزادي ڪنهن ٻئي جي غلاميءَ تي بيٺل نه هجي.

"عزت" جو تصور به انهن ساڳين سماجي گُهرجن ۾ قدرن پٺاندر جڙي ٿو جنهن مطابق سماج اسان کي "مرد" ۽ "عورت" ٺاهي ٿو ڇاڪاڻ ته صنفڪاري حياتياتي يا فطرتي عمل نه پر سماجي عمل آهي.

لسانيات جي ماهر ليکڪائون Eclert & Genet ايڪرٽ ۽ جنيٽ پنهنجي ڪتاب "ٻولي ۽ صنف" "Language and Gender" ۾ لکن ٿيون ته صنف ڪا اهڙي شيءِ ناهي جيڪا اسان کي پيدائش کان مليل هجي بلڪه صنف جو تعين ته اسان جي روزاني جي عملن ۾ ٿيندو آهي. مطلب ته اسان جو هر عمل ٻلي جو اُهو ماني پچائڻ کان وٺي نوڪري ڪرڻ تائين آهي، اُهو سماج ۾ صنفي ترتيب "Gender Order" کي برقرار رکندو ايندو آهي ۽ جنهن مطابق اسان "مرد" ۽ "عورت" جي بلڪل مختلف ۽ الڳ (Gender Roler) صنفي ڪردارن ۾ ورهائجي ويندا آهيون.

هاڻي ضرورت ان ڳالهه کي سمجهڻ جي آهي ته آخر هن سماج ۾ هنن بابت اهو هڪ شعور ۽ عمل ئي ڇو موجود آهي جنهن موجب عورت مختلف طبقن ۾ مرد جي ماتحتيءَ کان وٺي غلاميءَ جو سفر طئي ڪري ٿي؟

مارڪس ۽ اينگلس عورت جي غلاميءَ جو سبب انهن

سماجي لاڳاپن کي ڇاڙايو آهي جنهن موجب مرد پيداواري سگهن ۽ ذريعن تي قابض ٿيو ۽ ملڪيت جي منتقليءَ ۽ حسب نسب تي ضابطي رکڻ لاءِ عورت کي پنهنجي ذاتي ملڪيت بڻايو. ان سرشتي ۽ سماجي جوڙجڪ کي پدرشاهي جو نالو ڏنو ويو. پدرشاهي نظام ۾ مرد، عورت جي پيٽ ۾ سماجي زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي حاڪم رهي ٿو، جهڙڪ ڪم جي جاءِ، سماجي ۽ سياسي گڏجاڻيون، يونيورسٽي ۽ ڪاليج جهڙن ادارن سميت "گهر جي هڪ ننڍي ايڪي تائين، پنهنجي حاڪميت کي اظهار ٿو.

"عزت" جو تصور بنيادي طرح سان پدرشاهي نظام جي عورت مٿان پڪڙ مضبوط رکڻ جو ثقافتي اظهار آهي جنهن ذريعي مرد، عورت جي جنسيت Sexuality کي ضابطي ۾ رکي ٿو ۽ جڏهن جبر جي اِن شِڪل کي "عزت" "غيرت" "خاندان" ۽ "گهر" جهڙن نالن ۾ لڪائجي ٿو ته اُها آسانيءَ سان سماجي نفسيات جو حصو ٿي وڃي ٿي ۽ عورت جو جسم مرد جي "عزت" جو سرچشمو بڻجي وڃي ٿو، جنهن کي هر وقت خطرو درپيش رهي ٿو. انهيءَ سبب موجب عورت جي "ڪنوارپ" حقيقت ۾ مردن جي حڪمرانيءَ واري سماج ۾ هڪ سماجي معاهدي جيان هوندي آهي جنهن ۾ هڪ مرد جي "عزت" تڏهن ئي محفوظ رهي سگهي ٿي جڏهن حتمي طور تي ٻئي مرد جي "عزت" به محفوظ رهي سگهي.

بس! پوءِ شروع ٿئي ٿو سڄو ڊرامو. "عزت ۽ غيرت" نياڻي ست قرآن، نياڻيءَ وٽ سڀ کان اهم شيءِ ان جي عزت آهي بلڪه نياڻيءَ جي عزت سان سڄي خاندان جي عزت سلهاڙيل آهي، جڏهن ته مرد لاءِ سڀ کان اهم ڪم اِن عزت جي چوڪيداري آهي.

طبقاتي ۽ پدرشاهي نظام ۾ عورت جِي هڪ جنس Commodity کان علاوه ٻئي وصف جڙي ئي نه ٿي سگهي چاڪاڻ ته سماج، سماجي لاڳاپن جو نالو آهي ۽ فرد پنهنجي وجود ۾ گهڻي حد تائين ساڳين لاڳاپن جو اظهار آهي. جنهن سماج ۾ ناري مرد جي ملڪيت کان الڳ ڪو وجود نه رکندي هجي اتي شاديءَ رات سترهن سالن جي خانزادي لاشاري کي اِن الزام تحت قتل ڪرڻ ته هوءَ ڪنواري نه هئي واقعي معاهدي جي ڀڃڪڙيءَ برابر آهي.

هڪ بيان ۾ قلندر بخش (خانزادي جو مڙس) پوليس کي ٻڌايو آهي ته خانزادي جي والدين منهنجي بي عزتي ڪئي آهي ۽ منهنجي مردانگيءَ جو مذاق اُڏايو آهي. شاديءَ جي نالي ۾ مون کي هڪ خراب ٿيل شيءَ Damaged goods مڙهي ڇڏي هُين، سيني پاڙيوارن کي اها خبر هوندي ته قلندر بخش جي زال ڪنواري نه هئي ۽ هُو ڇوڪريءَ جي والدين هٿان ٺڳجي ويو.

هڪ ٻئي ڪيس مطابق ايبٽ آباد شهر ۾ اٺاويهن اپريل تي سورهن سالن جي امبرين کي گاڏيءَ ۾ رکي ساڙيو ويو. جنهن تي گهڻن ماڻهن جو اهو خيال هوندو ته اهو ڪم ڪنهن هڪ فرد يا وري ڪنهن فسادي گروهه جو هوندو ۽ اجان ته ڪجهه ائين به سمجهندا هوندا ته ڇوڪري پاڻ ڪنهن سان راضي هوندي ۽ بعد ۾ ساڙي وئي آهي چاڪاڻ ته گاڏيءَ مان سڙيل لاش ملڻ جو مطلب آهي ته ڇوڪري گهر مان ڪنهن سان نڪتل هئي. پر ائين نه هيو! اِهو ڪم ته اسان جي وڏڙن ۽ معزز ماڻهن جو آهي.

مقامي پوليس مطابق امبرين جو قتل دراصل هڪ پندرهن رڪني بينچ تي مشتمل جِرڳي جي فيصلي موجب ٿيو جيڪو ماڪول ڳوٺ جي ڪائونسلر پرويز

گهرايو هيو.

واقعي جو پس منظر ڪجهه هن طرح آهي ته اناويهن 28 اپريل تي امبرين کي اُن جي گهر مان ڪڍايو ويو. جنهن بعد امبرين کي نشي آور شيءِ کارائي قتل ڪيو ويو. ان سانحي کي اڃان به عبرت ناڪ بڻائڻ لاءِ امبرين جي لاش کي پارڪنگ ۾ بيٺل هڪ وين Van جي پوئين سيٽ سان ٻڌي ساڙيو ويو.

امبرين جو ڏوهه اهو هيو ته امبرين ٽيويهن اپريل تي پنهنجي هڪ دوست (جيڪا پسند جي شادي ڪرڻ چاهي پئي) جي ڳوٺ مان ڀاهر نڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي. امبرين سان هڪ ڊرائيور نصير به گڏ هيو جنهن جوڙي جي مدد ڪئي هئي پر سزا صرف امبرين جي حق ۾ ٻڌائي وئي. هتي اسان جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته نصير کي به سزا ٻڌائي وڃي ها! پر ايترو ضرور ويچار ڪرڻ گهرجي ته صرف عورت کي ساڙي، ماري، يا وري زيادتي جو نشانو بڻائي هي سماج عورت کي ٻڌائي رهيو آهي ته هن جو آزاد وجود هن سماج لاءِ ڪيترو نه خطري جوڳو آهي ۽ جنهن کي هر حالت ۾ ختم ڪيو ويندو ته جيئن ڪو مثال باقي نه رهي سگهي.

ورلڊ اڪنامڪ فورم (World Economic Forum) جي شايع ٿيل سالياني جينڊرگيپ انڊيڪس (Annual Gender Gap Index) مطابق پاڪستان دنيا جي صنفي برابريءَ واري ماپي تي 142 ملڪن مان 141 نمبر تي آهي. مطلب ته اسان سڄي دنيا ۾ عورت تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ جبر ۾ سڀن کان اڳڀرا آهيون.

ايرڪ فرام جي ڪتاب ”صحت مند معاشرو“ “Sawe Society” مطابق ڪنهن به سماج جي شعوري سمجهه جو اندازو اُن سماج جي مجموعي گُهرجن ۽ ذهني صحت جي معيارن مان لڳائي سگهجي ٿو.

هاڻي جيڪڏهن صنفي متڀيد سان وڪوڙيل هن

سماج جون سموريون ضرورتون، ضابطا ۽ عزت جا معيار عورت جي جسم جي پاڪائي مطلب ته هُن جي جنسيت جي ضابطي تي ٻڌل هجن ته ان سماج ۾ ذهن، سوچ ۽ ڏاهپ جي معيار تي انسان کي پرکڻ ۽ سماجي جوڙجڪ لاءِ عملي ڪوشش ڪرڻ چڻ ته هڪ بيوقوفاڻو ۽ اجايو ڪم آهي.

سنڌ جي ٻئي نمبر وڏي شهر حيدرآباد ۾ ٿيل بنيظير ۽ مصطفيٰ ڪيس ۾ "عزت" جي ساڳئي سماجي ماپن ۽ قدرن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو.

جوڙي جي والدين "عزت" جي رسمي تصور کي ٽوڙيندي جڏهن FIR داخل ڪرائي ته ميڊيا کان وٺي پوليس ڊپارٽمينٽ ڪيس کي عام رواجي سمجهه موجب طئي ڪري ڪيس خارج ڪرڻ جون رٿون پئي رٿيون. پوليس جي عدم دلچسپي ۽ شديد لاپرواهي ڪانپوءِ به جڏهن بينظير جا والدين ۽ ڪجهه همدرد پنهنجي موقف تي بيٺا رهيا ته اهڙو رويو گهٽن ئي ڊپارٽمينٽس ۽ عزتدار ماڻهن لاءِ عجيب ۽ واهيات هيو جيڪي عزت جي نالي ۾ انسان جو خون يا ته لوڙهي ڇڏيندا آهن يا وري ان ۾ حصيدار هوندا آهن.

ٻن انسانن جي زندگين جو ضايع ٿيڻ پلي جو اهو هڪ حادثي تحت ئي ڇو نه هجي هن سماج جي منهن تي چماٺ آهي. هي صرف بينظير مصطفيٰ جو قتل نه آهي هي هِن سماج جي ذهني غربت جو ثبوت آهي جتي زندگيءَ مٿان مرده تصور حاوي رهن ٿا. سچ ته مون کي منٽو جي هڪ چوٽي ياد اچي ويئي ته "مان هڪ اهڙي سماج ۾ پيدا ٿيو آهيان جتي پنهنجي خواهشن کي ختم ڪرڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي"

اهڙي "عزت" جنهن ۾ زندگيءَ، پيار، سونهن ۽ تخليق تي جهالت ۽ موت کي ترجيح ملي، اسان کي اهڙي "عزت" کان

انڪار آهي جيڪو بيوقفاڻو عمل بنيظير جي والدين ڪيو آهي، جن رسمي ضابطن جي انڪار جي هنن چونڊ ڪئي آهي، انجو ڪو تڪڙو نتيجو ملي يا نه ملي، پر اهو سفر پاڻ ۾ هڪ انڪار آهي! اِنڪار آهي زندگي جي نئين ۽ بهتر تقاضائن جو پراڻي ۽ مدي خارج روايتن سان....، جيئن ملالا يوسف زئي چيو هو ته،

"مان دنيا جي جنهن حصي ۾ پيدا ٿيس اتي عورت لاءِ زندگي ڏاڍي غير يقيني آهي، چونڊ صرف اِن ڳالهه جي آهي ته هيٺي ٿي مران يا وڙهي مران! ۽ مان وڙهي مرڻ جي چونڊ ڪئي."

"ساٿ سلامت"

اعجاز منگي

طوطي ۽ مئنا کي ڪنهن ماريو؟

عيد جي اداس ڏينهن تي آئون اوهان سان شيئر ڪري رهيو آهيان، انهن ٻن پارن جي معصوم پريم ڪهاڻي جنهن جو انجام المناڪ بڻجي ويو. اها اداس پريم ڪهاڻي، جيڪا حسن درس جي ان شعر جو عڪس هئي ته:



پار چڻ پيئي اسان
ڪل جهڙا پيار پنهنج
گفتگو ۾ گڏ آهيون
هڪ ٻئي جو سڏ آ
پر لڳي ٿو ايئن جان
ڏار چڻ پيئي اسان
ڪل جهڙا پيار پنهنجا
ڪلندي ڪلندي ان پيار جون اکيون ڪيئن پرجي آيون؟
ڪنهن کي خبر ڪونهي!

ڪامريڊ بخشل جي وال تي انهن ٻنهي پارن جون تصويرون موجود آهن، جن کي نه معلوم ڪهڙي جرم سبب قتل ڪيو ويو؟

ڪيترا نه معصوم ۽ ملوڪ نظر اچي رهيا آهن، ٻيئي!!

اهو مقابلو ڪرڻ ڪيترو نه مشڪل محسوس ٿي رهيو آهي ته انهن ٻنهي ۾ ڪير وڌيڪ معصوم ۽ ملوڪ آهي!!!؟

طوطي ۽ مئنا جهڙي لڳي رهي آهي، اها جوڙي!

پيار جي تار تي ويٺل انهن ٻن پکيئڙن کي ڪنهن ماريو؟

پوليس کي ڪو پتو ڪونهي!

حيدرآباد جي اها پوليس جيڪا صرف هاف فراءِ ۽ فل

فراءِ ڪرڻ ۾ ماهر آهي. جنهن کي صرف سيني ۽ سٿرن ۾ گوليون هڻڻ ايندیون آهن. اها پوليس جيڪڏهن چاهي ته سمنڊ جي تري مان سنهڙي سئي به تلاش ڪري اچي. پر اها پوليس اڃان تائين ان جوڙي جي قاتلن جو سراغ به نه لڳائي سگهي آهي، جنهن جوڙي کي ٽي مهينا اڳ ڊرامائي انداز سان قتل ڪيو ويو ۽ ڊرامائي انداز سان انهن جا لاش سول اسپتال پهچايا ويا.

اهو جون جو مهينو هو. حيدرآباد جهنم وانگر جلي رهيو. ڪوسي لڪ ۾ ڪانوَ به وڻن جي اوٽ وٺي ماٺ ويٺا هئا. ان وقت هر پور پگهر ۾ آلو هو. مٿان ٽامي جهڙو سج تتل هيو پر انهن جو جيءُ جهڙالو هو، جيڪي شهيد بينظير ڀٽو پاران قائم ڪيل نالي واري تعليمي اداري ”زيبسٽ“ جا شاگرد هئا. جن ڪلاس رومن ۾ ليڪچر به ٻڌا هئا ۽ جن هڪ جديد تعليمي اداري جي فضائن ۾ کي خواب به ڏٺا هئا. سهڻا ۽ سندر خواب! انهن اکين به وڏا خواب جن اکين ۾ نه معلوم ڪيئن سمائجي ويندا هئا، اهي ستن ئي رنگن جا اڻلٿ خواب! ڇا انهن صرف هڪ مئنا جهڙي ملوڪ نينگري بينظير قادري ۽ هڪ مٺوءَ جهڙي معصوم نينگر مصطفيٰ شيخ کي قتل ڪيو؟ نه انهن سون سپنن کي جو به خون وهايو. انهن سنڌ جي جوانيءَ کي قتل ڪيو. انهن هڪ معصوم محبت کي خون ڪيو. انهن ان ڪهاڻيءَ کي قتل ڪيو، جيڪا اڃان تائين صرف ٻن ڪردارن تائين محدود هئي. جيڪا اڃان تائين هڪ بي رحم ۽ هر ڏينهن پهريان کان وڌيڪ اجنبي ٿيندڙ شهر جي سسندڙ سرزمين تي پنهنجي پيار جو گهرڙو جوڙڻ جي لاءِ هڪ مناسب پلاٽ تلاش ڪري رهيا هئا. هو جيڪي گريجوئيشن ڪرڻ بعد هڪ هٿ جي مٺ ۾ ڊگري ۽ ٻي هٿ جي مٺ ۾ هڪ خواب ڪٽي سنڌ جي پيٽرس برگ جهڙي شهر ۾ عملي زندگيءَ جو آغاز

ڪرڻ لڳا هئا. فرانسز ساگان جي مختصر ناولن جهڙي ڪهاڻي هئي، ان نوجوان جوڙي جي! جنهن ڪهاڻيءَ ۾چوڪري شوروم جو بزنس شروع ڪيو ۽ چوڪري اسٽيٽ لائف بلڊنگ ۾ جاب ڪرڻ لڳي. پر اها انهن جي ابتدا هئي. هو جيڪي هڪ ٻئي مايوس ٿيندڙ من کي سهارو به ڏيندا هئا ۽ هڪ ٻئي جي آلين اکين ۾ سپنا به پريندا هئا. هو جيڪي هڪ ٻئي کي ڏسيندا هئا ته اها ابتدا آهي. اسان کي اڳتي وڌڻو آهي. اسان کي گهڻو دور تائين وڃڻو آهي.چنڊ ۽ تارن جي سهڻي ۽ سونهري دنيا ۾! بادلن جي بادبان واريءَ ٻيڙيءَ ۾ ويهي نيري نڀ جي ساگر گهڻو تمام گهڻو پري وڃڻو آهي. انهن کي اتي وڃڻو هو، جتان هيءَ ڌرتي به نيري تاري جيان نظر ايندي آهي. جو جيڪي سوچيندا هئا ته Sky is limit. يعني آخري حد اڀ آهي! يعني ڪا حد ڪونهي!! اهي موت جي دائري ۾ محدود ڪيا ويا. هو جن کي نه نامعلوم سببن سبب قتل ڪيو ويو. جن کي چڻ ته پيار ڪرڻ جي جرم ۾ هن ڌرتيءَ تان جلاوطن ڪيو ويو. هو جن سنڌي سماج جي سرءُ وتي وڻ جي سڪل تاريءَ تي هڪ سائو آڪيرو جوڙڻ جو سپنو ڏٺو هو، انهن کي محبت جي هڪ معصوم خواب ڏسڻ جي ايتري سزا ڏني وئي!!

چا اها سنڌ آهي؟

چا اها 21هين صديءَ جي سنڌ آهي؟

چا اهو سسئي، سهڻي، مومل ۽ مارئيءَ جو ملڪ آهي؟

اهو ته مقتل آهي!!

۽ ان مقتل جا محافظ آهن، اهي وردين وارا جيڪي هر ڏينهن ۽ هر رات قانون فروخت ڪندا آهن ۽ ڏاڍو سستو فروخت ڪندا آهن.

اهي پوليس وارا جيڪي پڳهار صرف وردي پائڻ جي

وٺندا آهن. باقي هو قانون تي عمل صرف ان صورت ۾ ڪندا آهن، جنهن صورت ۾ يا انهن جون ڪيسا نوٽن سان ڀريا وڃن يا انهن مٿان ڪوئي زبردست پريشر پوي!! باقي انهن جو ڪهڙو ڪم قانون سان ۽ ڪهڙو واسطو انصاف سان!!؟

اها ساڳي پوليس آهي، جيڪا هاءِ پروفائيل ڪيسن جي تهه تائين پهچي ويندي آهي. اها ساڳي پوليس آهي، جيڪا هڪ عام ماڻهن جي لاشن ڪي ايئن لوڙهيندي رهندي آهي، جيئن سکر بئراج جا اهي بيلدار جيڪي صبح جو دروازي ۾ لاش اٽڪيل ڏسڻ بعد هيڏانهن هوڏانهن نهاري در مٿي چڪي ڇڏيندا آهن ۽ هڪ مظلوم ۽ مقتول جو لاش سنڌوءَ جي سيرن تي سوار ڪري سمنڊ طرف موڪلي ڇڏيندا آهن. اها پوليس به اهڙي آهي. اها پوليس جيڪا ٽن مهينن کان وٺي ان نوجوان جوڙي جا قاتل ڳولي نه سگهي آهي، جنهن پاڪستاني فلم وانگر قتل ڪيو ويو. جنهن کي قتل ڪري اهڙي ڪهاڻي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن ۾ هڪ نه پر هڪ سئو جهول آهن. جيڪڏهن محبت ڪندڙ هڪ مقتول جوڙي جي قتل جي ڪهاڻي ڪوئي ٻار به ٻڌي ته اهو به هر سٽ کان پوءِ هڪ اعتراض اٿاريندو پر پوليس ان ڪيس کي لئه مٿي ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي. اهو ڪيس جنهن ۾ مقتول ڇوڪري مصطفيٰ شيخ جو خاندان انصاف لاءِ ڪائي عملي جدوجهد ڪرڻ جي سلسلي ۾ سرگرم نه ٿيو آهي. صرف مقتول ڇوڪري جو پيءُ ايترو ضرور چوي ٿو ته ”منهنجي پٽ کي قتل ڪيو ويو آهي“ پر هو وڌيڪ جهنجهٽ ۾ پوڻ بدران پاڻ کي ان غلط سوچ جو سهارو ڏئي ويٺو آهي ته ”هاڻي ڇا ٿيندو؟ هاڻي پلي ڪجهه به ٿئي! پر ڇا مصطفيٰ موٽي ايندو؟“ پر پوءِ به هن کي آڌي رات جو پنهنجي گهر جو مک

دروازو ائين کلندو ۽ بند ٿيندو ٻڌڻ ۾ا يندو هوندو، جيئن مصطفيٰ موٽي آيو هجي!! پر هو پاسو ورائي ٻيهر سمهي ٿو پوي. جڏهن ته مقتول بينظير قادريءَ جي مائٽن جي نيٽن ۾ ڪائي ننڊ ڪونهي. هو مسقتل طور تي ان جدوجهد ۾ مصروف آهن ته انهن قاتلن تائين قانون جا هٿ پهچن، جنهن انهن جي ٻهه ٻهه ڪنڌڙ پياري ٻارڙيءَ کي ريءَ گناهه قتل ڪيو. هو اڄ تائين شاڪ ۾ آهن. وقت گذرندو رهي ٿو پر انهن جو صدمو گهٽ ٿيڻ جو نالو نه ٿو وٺي. هو تصور به نه ٿي ڪري سگهيا ته اها بينظير اهڙي لاش جي صورت نظر ايندي!! اها بينظير جنهن کي ننڍپڻ کان وٺي سٺن ۽ سهڻن ڪپڙن جو تمام گهڻو شوق هو. اها بينظير جيڪا نازڪ ۽ نفيس هئي. جيڪا تمام گهڻي سمجهدار ۽ تمام گهڻي حساس هئا. جنهن جا نيڻ ڪوهه مريءَ جي ڪڪرن وانگر اوچتو وڏڦڙو وسائڻ لڳندا هئا. جنهن کي زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻو هو.

ان کي پهرين قدم تي قتل ڪيو ويو.

ڇو؟

اهو ٻن اکرن وارو هڪ لفظ بينظير جي انهن مائٽن جي نيٽن جي ننڊ وهه ڪري ويٺو آهي، جن پنهنجي شهيد ڇوڪريءَ کي لطيف جي لفظن جي لوئيءَ ۾ ويڙهي لحد ۾ ليٽايو آهي.

انهن کي پنهنجي ڇوڪريءَ لاءِ انصاف گهرجي.

پر اي ڊي خواجه جي آءِ جي ٿيڻ باوجود حيدرآباد جي پوليس ان ڪيس جي پيرولي سلي نه سگهي آهي. ڇو ته اها سلڻ نه ٿي چاهي!! ڇو ته انهن لاءِ ان ڪيس ۾ ڪا ڪشش ناهي. انهن جي لاءِ اهو ڪيس ايترو آسان آهي، جيترو ان ڪيس جو هٿ سان ٺاهيل اهو پلاٽ ته هڪ جوڙو ڪار ۾ ساهه ٻوساٽجڻ سبب مري ويو. پر

سول اسپتال جي ڊاڪٽرن لاءِ اهو ڪيس ايترو آسان ناهي. اهي ڊاڪٽر جيڪي وڏي مغز ماري بعد به اهو ٻڌائي نه ٿا سگهن ته ان جوڙي جي قتل جو سبب ڪهڙو هو؟ اها ڊاڪٽر جن وٽ بينظير قادريءَ جي مائٽن وانگر صرف سوال آهن پر ڪو جواب ڪونهي.

جڏهن ته جواب گهرجي. هڪ پيءُ کي! هڪ ماءُ کي! هڪ مامي کي!

اهي جن پنهنجيون اکيون پٿر جون ڪري بينظير جي قبر کشائي ڪرائي. جن پنهنجي سيني تي جبر جو جنڊ هلائي اها جدوجهد رڪجڻ نه ڏني آهي، جنهن مان انصاف جي اميد هڪ ننڍڙي ڏيئي جي وٽ وانگر واءُ ۾ وڪڙ کائي به ٽمڪي رهي آهي.

ممڪن آهي ته مصطفيٰ شيخ جي مڙهي ۾ به مڪمل ماٺ نه هجي. ممڪن آهي ته هن سان محبت ڪرڻ وارو هن جو ڪوئي پنهنجو ان ڪيس جو ڪانيون سوريندو هجي. هو به ان باهه کي وسامڻ نه ڏيندو هجي، جيڪا اڄ به هن ديس جي دل ۾ ائين ٻري رهي آهي، جيئن چندن جو ڪاٺيون ٻرنديون آهن.

اها مهڪ شهادت جي مهڪ آهي.اها مهڪ حق لاءِ وڙهڻ واري عبادت جي آهي. اها مهڪ ان ڪهاڻيءَ جو المناڪ انجام آهي، جيڪا ڪهاڻي طوطي جهڙي مصطفيٰ شيخ ۽ مئنا جهڙي بينظير کي قتل ڪرڻ واري تمام وڏي اپراڌ سبب پنهنجي آغاز ۽ پنهنجي انجام ڪان وڇڙي وئي آهي.

”هي اپراڌ
تو نه ڪيو هو
مون نه ڪيو هو
ڪنهن ته ڪيو هو؟“
ڪنهن ڪيو آهي؟ اهو اپراڌ!

ڪنهن قتل ڪيو آهي؟
هڪ طوطي ۽ هڪ مئنا ڪي!
اهو طوطو ۽ مئنا، جيڪي اڃان پيار جي ٿار تي ويئا ئي مس هئا!
جن اڃان محبت جو سرمدي گيت به نه ڳاتو هو!
جن جي سندر نيڻن ۾ اڃان سنيهه جو سپنو سرجڻ لڳو هو ته انهن جي ننڊ ڪي قتل ڪيو ويو!
ڪنهن قتل ڪيو ٻن معصوم ڪردارن ڪي؟
ڪنهن قتل ڪيو طوطي ڪي ۽ مئنا ڪي!!!؟

بلقيس ابڙو

عورتن جي تحفظ بل طرف سماجي رويا

اسان ايڪهين صديءَ ۾ سائنسي دور جا رهاڪو آهيون. جتي انسان د نيا جي هڪ ڪنڊ ۾ ته سائنس جي مدد سان ڪائنات جي وجود، خلا، چنڊ تارن جي باري ۾ تحقيق ڪري رهيو آهي ته اتي سا ڳي وقت ۾ پاڪستان به ڪجهه پويان ناهي رهيو. اسان جا عالم فاضل، مذهبي چاڻ جا انسائيڪلو پيڊيا، هلنڊڙ ڦرنڊڙ ڦل ٽائيم ڊراما مطلب ته مولوي صاحب به پنهنجا جلوا ڏيکا ري رهيا آهن. فقط فرق اهو آهي ته اسان جا پيروڪار ملا سمجهن ٿا ته سائنس ڪي نه بلڪ عو رت ڪي ڦا بو ڪجي ڇا ڪاڻ ته اها سائنس ڪان و ڏيڪ فتنو ڦهلا ئي ٿي. عورت تي ڳا لهائڻ وا را اهي پيروڪار عا لم عورت تي تشدد کي قانوني ۽ شرعي طور قرار ڏيڻ لاءِ ڏينهن رات تحقيق ڪرڻ بعد ان نتيجي تي پهتا آهن ته مرد جيئن ته عورتن جا مزاجي خدا آهن تنهنڪري عورت تي هلڪو ڦهلڪو تشدد ڪري سگهن ٿا(مطلب ته رڳو هڏي نه ڀڃي باقي سڀ خير). پاڪستاني تاريخ ۾ ملن جا اهي اکر سنهري لفظن ۾ لکيا ويندا. اسان ته زميني ماڻهو آهيون پلاااسان جوچنڊ تارن سان ڇا وڃي؟ ڪائنات ڪيئن ٺهي ان جو اسان کي مٿي ۾ سور ڇو هجي، هوئن به ٻئين ڪلاس ۾ استاد ٻڌايو هو ته ڪائنات خدا ٺاهي آهي ۽ خدا جي ڪمن کي سمجهڻ اسان جي وس جي ڳالهه ناهي. اسان ته پنهنجي ارد گرد جي ماڻهن جو سوچينداسين سو به وري ملا ڪان پڇي ته ڇا صحيح ڇا غلط. اهڙا قانون ٺاهينداسين جو ايندڙ نسل به سوچي ته اسان جا وڏا ڪيڏا نه عقل ۽ فهم وارا هئا.

پنجاب وومين پروٽيڪشن بل تي تبصرو ڪرڻ ڪان

پهرين ٿورواسلامي جمهوريه پاڪستان جي تاريخ تي سرسري نظر وجهون ته آخر ڇا سبب آهي جو جمهوريت جي نالي تي اهڙي رياست وجود ۾ آئي. هتي جيڪڏهن ٿورو پاڪستان جي تا ريخ کي بيا ن ڪجي ته پا ڪستا ن اسلام جي نالي تي هڪ الڳ گهُرڪيل ملڪ آهي. مذهب کي هٿيار ٺاهي جيڪا الڳ رياست وجود ۾ آئي سا تضادن سان ڀريل هئي ڇاڪاڻ ته نندي ڪندڌ سان تعلق رکندڙ ماڻهو مختلف سوچن ۽ مذهبن سان تعلق رکندڙگروهه هئا. ان ڪري هڪ الڳ رياست حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي بانيڪارن لاءِ قانون سازي به ڪجهه ان ريت ڪرڻي هئي جوجنهن سان لڳي ته اسلام جي نالي تي ملڪ جا قانون به مذهب سان ٺي سلهاڙيل آهن. ان مسئلي جو ٺاهه يا حل ڳولهڻ لاءِ مذهبي طرز جي قانون سازي جوڙي وئي. ته جيئن مسئلي جو حل ڳوليو وڃي.تنهنڪري ملڪ جي آئين ۽ قانوني دستاويزن ۾ اسلام کي اڳيان اڳيان رکيو ويو مٿان وري ضياءَ جي تنگ نظري ته رهيل سهيل ڪسر به پوري ڪري ڇڏي. عورتن ۽ مذهبي اقليتن خلاف سخت قانون ضياالحق جي دور ۾ جڙيا جنهن ۾ نصاب،قانون ۽ ٻين ڪيترين ئي شين ۾ اسلام آئيزيشن ڪئي وئي، جنهن جو مطلب هو ته سڀ کان بهتر مذهب اسلام ۽ سڀ کان بهتر قانون اسلام جي روشني ۾ جوڙي سگهجن ٿا ڇاڪاڻ ته اسلام هڪ مڪمل دين آهي جنهن ۾ هر مسئلي ۽ هر مرض جي دوا آهي. اهڙي طرح فوجي ملائيت وارو ڏنڊو زور ۾ آيو. اهي کليل تضاد رکندڙ پاليسيون پاڪستاني سماج لاءِ وڏيڪ هاجيڪار ثابت ٿيون جنهن سماج کي پوسٽ جي ور چاڙهيو. ضياءُ جي دقيانوسي سوچ عورت کي وڌيڪ سوڙهو ڪري مٿس مرد جي رحم ڪرم تي رهڻ لاءِ زور ڀريو. ان ريت مذهبي انتها پسند ڌرين جا

وارا نيارا ٿي ويا. هر ڳالهه، هر قانون ، هر مسئلي ۾ مذهبي انتها پسند ملا پنهنجي ٽنگ اٽڪائڻ لازم سمجهن ٿا. ملا جو ته دڪان صفا چمڪي پوي ٿو جڏهن ڪجه بهتر حل طرف قانون جڙن ٿا. مُلو اسان جي سماج جي هڪ رجعتي قوت آهي. انهيءَ ملي لاءِ اقبال به لکيو هو ته

دينِ ملا، فساد في سبيل الله

اِهو مُلو سڄي جهان کي جهاد جا سبق پڙهائي ٿو پر پنهنجي ٻارن کي اعليٰ يونيورسٽين منجهان تعليم ڏياري ٿو. جنهن کي عورت جي آزادي، ڇڙواڳي لڳي ٿي پر عورت تي تشدد جائز لڳي ٿو، جيڪو بي پردا عورت کي بي حيائي سان پيٽي ٿو پر ٽي وي ٽاڪ شوز ۾ ميزباب عورتن سان گڏ ويهڻ ۾ اعزاز يا فخر محسوس ڪري ٿو.

هاڻي اچو ته پنهنجي اصل موضوع طرف اچون. اڄ اسان عورتن جي تحفظ بل تي ٿلهي ليکي تبصرو ڪنداسين. 2015 ۾ پنجاب اسيمبلي پنجاب وومين پروٽيڪشن بل پاس ڪيو جنهن ۾ طئي ڪيو ويوته عورتن سان ٿيندڙ تشدد خلاف ڪي خاص ادارا جوڙيا وڃن ته جيئن عورتون پاڻ سان پيش ايندڙواقعا درج ڪرائي سگهن. پرپراڻ پسند ۽ وبائي بيماري ۾ وڪوڙيل سماج کي اهڙا فيصلا قبول نه پوندا آهن.ان ڪري جنهن کي جتان وجهه مليو ان اتان وار ڪيا خاص ڪري مذهبي ڌرين ته ان بل کي غير اسلامي قرار ڏئي هڪ پيو بل رٿيو. عورتن جي تحفظ واري بل پاس ٿيڻ تي سياسي، سماجي،مذهبي ڌرين ۽ اخلاقيات جي ٺيڪيدارن جي مخالفت ،جهالت، روايت پسند هجڻ کي نروار ڪيو آهي ته هي سماج عورت دشمن، پراڻ پسند ۽ غلامي جي علامتن کي برقرار رکڻ جو حامي آهي. جتي غلامي،ماٺ

جي ثقافت جي پئيرائي ۽ احتجاج کي جرم جي علامت سمجهيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ اسان جا مذهبي ٺيڪيدار ۽ ادارا سماجي اوسر کي روڪڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا رهن ٿا.

عورتن جي تحفظ جو بل ڇاآهي؟عورتن جي تشدد خلاف بل ۾ هڪ قانون جوڙيو ويو آهي ته عورتن سان ٿيندڙ مختلف تشدد جيئن جسماني تشدد، ذهني تشدد، گار گند واري ٻولي، جنسي تشدد، زوري شادي،عزت ۽ غيرت جي نالي تي قتل،ازدواجي ڏاڍائي انسانن جو جنسي واپار خلاف عورتون رپورٽ ڪري سگهن ٿيون مطلب ته رياست انهن کي صرف اِهو اختيار ٿي ڏئي ته ڏاڍ،جبر ۽ تشدد خلاف ڪو قدم کڻي سگهن ٿيون.

هاڻي سوال اهو آهي ته ان بل جي گهرج ڇو پيش پئي؟ پاڪستان اندر اهڙو نظام آهي جتي عورت هر ڏينهن عزت ۽ غيرت جي نالي تي ڪسجي ۽ مارجي ٿي. هتي ڪوڪ ڪرڻ به ڏوهه آهي ۽ جيڪي زبانون عورتن جي حق ۾ ڪجهه ڪڇڻ جي سگهه رکن ٿيون انهن کي ڪٽڻ ڪو اوکو ڪم ناهي مطلب ته عورت کي حق به ناهي جو ان خلاف آواز اٿاري.بحرحال هتي جذ باتي ٿيڻ بجاءِانگ اکرن تي نظر وجهڻ سان سچو قصو سامهون اچي ويندو ته ان بل پاس ڪرڻ جي گهرج ڇو پيش آئي.اسپيشل مانيٽرنگ يونٽ جي هڪ رپورٽ مطابق صرف جيڪڏهن اسان پنجاب جو ئي مثال کڻون ته هر ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ 6 عورتون ماريون وينديون آهن يا انهن تي جاني حملو ڪيو ويندو آهي ۽ 8 عورتون جنسي ڏاڍائي جو شڪار ٿينديون آهن۽ 32 عورتون مختلف سببن هيٺ اغوا ڪيون وڃن ٿيون.رپورٽ جو حتمي نتيجو اهو نڪري ٿو ته هر روزپنجاب ۾ 60 عورتون تشدد

جو شڪارٿين ٿيون.عورت فائونڊيشن جي ڳڻپ مطابق هرسال 8500عورتون ڏاڍ جو شڪارٿين ٿيون. انهن مان گهٽا ڪيس ته گهريلو تشدد جا آهن جيڪي گهر اندر پيش اچن ٿا.اسان جو پيارو اسلامي جمهوريه پاڪستان جتي مذهبي علماءَ وڏي واڪي چون ٿاته هتي عورتن تي تشدد ٿيندو ئي ناهي ته پوءِ سڄي دنيا ۾ عورتن جي حقن تي راتاهي جي حوالي سان پاڪستان ڇو ٽين نمبر تي آهي؟ جيڪڏهن عورتن جي حوالي سان حالت ايتري ئي بهتر آهي ته پوءِ ڇا هي انگ اکر ڪوڙا آهن؟ هيومن رائيٽس ڪميشن پاڪستان جي تازي رپورٽ مطابق پڇين هڪ سال ۾ جنسي حملن ۽ اجتمائي لڄالٽ جا 900،گهريلو تشدد جا 279،اغوا جا 833،خود ڪشين جا 800، ساڙڻ يا باهه ڏيڻ جا 143، غيرت جي نالي ۾ ٿيندڙ تشدد جا 1096جا واقعا رڪارڊ ٿيا آهن. پر اهي به انگ اکر پورا ناهن ڇاڪاڻ ته سماجي دٻاءُ ڪارڻ گهٽا ڪيس ته درج ئي نه ڪرايا ويندا آهن.اسان وٽ عورت جو معاملو هونئن به گهٽ رپورٽ ڪرايو ويندو ڇاڪاڻ ته گهر ۽ خاندان ۾ اهڙن معاملن کي پڙدي ۾ رکڻ کي بهتر حل سمجهيو ويندو آهي. بس گهر جي ڳالهه گهر ۾ ئي رهي ته پلو ان سان عزت برقرار رهندي!

مذهبي ڌرين ان بل جي ڀرپور مخالفت ڪجهه ان ريت ڪئي ته اهو يورپ يعني ڪافرن جي طرز تي قانون ٺهيو آهي. ان ڪري ان کي رد ڪري اسلام جي روشني ۾ قانون جوڙجي پر جيڪوقانون انهن جوڙيو ان کي ڏسي ائين ٿو لڳي ته عورت انسان نه پر ڪا بي جان شيءَهجي.بل کي پڙهي آڳريون وات ۾ اچي ويون ته هي ته نسورو قهر آهي بابا! اسلامي نظرياتي ڪائونسل جا سينيئر ميمبر ته ان ڳالهه کان ئي انڪاري آهن ته

پاڪستاني سماج اندر مڙس يا ساهوري گهر ۾ جبر،ڏاڍ ۽ تشدد جو ڪو وجود به آهي. انهن ڊان نيوز پيپر وارن کي چيو ته پاڪستاني مذهبي ۽ خدا کان خوف ڪائيندڙ ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي زالن کي ماري ئي نٿا سگهن.اها يورپي پروپيگينڊا آهي جنهن ۾ چيو وڃي ٿو ته عورتون اسان وٽ تشدد جو نشانو ٿين ٿيون.تنهنڪري اسلامي نظرياتي ڪائونسل 72 ورقن تي مشتمل هڪ ڊرافٽ ناهيو جنهن ۾ ڪٿي به عورتن تي تشدد خلاف ڪا به سزا مقرر نه ڪئي وئي آهي پر ان جي ابتڙ ويتر مردن کي اختيار ڏنو ويو آهي ته جيڪڏهن زالون شريعت جي مطابق مڙسن کان ڪنهن به ڳالهه کان انڪاري ٿين ٿيون ته انهن کي سزا ڏني وڃي. اتي جو اتي ڊان نيوز پيپر وارن سان خطاب ڪندي اسلامي ڪائونسل جي سينيئر ميمبرعلامه افتخار نقوي هڪ رپورٽر کان سوال پڇيو ڇا تنهنجي زال توکي ماريندي آهي؟ رپورٽر وراڻيو ته ”نه“. وري ٻيو سوال پڇيئنس ته ڇا تون پنهنجي زال کي ماريندوآهين؟ تنهن تي به رپورٽر جواب ۾ چيو”نه“. مولوي صاحب چيو ته ڏسو اتي ئي ثابت ٿي ويو ته هتي ته ڪا اهڙي ڳالهه ئي نه آهي. پر هڪ سوال ته ڇا اسان سڄي سماج کي هڪ ماڻهوجي سوچ سان جانچي ۽ طئي ڪري سگهون ٿا؟اسلامي نظرياتي ڪائونسل جو عورتن جي تحفظ جي بل ۾ اسلام جو جهڙو حال پيش ڪيو آهي ان مان اهو ئي واضع ٿئي ٿو ته عورت انسان ناهي.اهڙو سماج جتي عورتن جي چهرن کي تيزاب هاري ساڙيو وڃي. جتي ڪنهن جي مدد ڪرڻ خلاف جرڳا ڪري اهڙي پيانڪ سزا ٻڌائي وڃي ته 15 سالن جي نينگري کي جنسي حوس جو نشانو بڻائي جيئرو ساڙيو وڃي. جتي عورت جي لڄا لٽ جي ڪيسس ۾ چار گواهن

جي ضرورت هجي. جتي عورت جي گواهي کي اڌ سمجهيو وڃي. اتي يقينن هي سماج صحت مند ۽ روشن خيال سوچ کي برداشت نه ڪري سگهندو. اسان جيڪڏهن اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي پين فيصلن تي به نظر وجهون ته ڳالهه کلي نروار ٿيندي ته انهن جا ماضي ۾ ورتل فيصلا به عورت دشمن ئي هئا جيئن نابالغ ڇوڪرين جي شادي ڪرائڻ، عورتن سان جنسي ڏاڍائي ثابت ڪرائڻ لاءِ چار گواهن جي شاهدي وغيره جهڙا فيصلا ورتا آهن.

پر دين فروشي جا اڳواڻ پاڻ کي چست نه ڏيکارين ته انهن جو دڪان ڪيئن چمڪندو آخر انهن کي به ته ڪو ڪم ڏنڊو کپي. انهن مذهبي انتها پسندن کي ڪرڻ لاءِ پيا به جام ڪم آهن پر جيڪي هو ڪندا نه مثال طور ڇا ملي کي اسلام ان ڳالهه جي اجازت ڏئي ٿو ته لاهور ۾ مسيحي ڇوڪري کي اغوا ڪري زبردستي جان جي ڌمڪي ڏئي بندوق جي زور تي اسلام قبول ڪرائي ڪنهن مسلمان شخص جي نڪاح ۾ ڏنو وڃي؟ جي نه ته پوءِ ملو ان مسئلن تي ڇو نه ٿو ڳالهائي؟ جڏهن ملا معصوم ٻارن کي پنهنجي جنسي حوس جو نشانو بڻائي ٿو تڏهن مذهب جا ٺيڪيدار ڪٿي آهن؟ انهن خلاف ملو آواز ڇو نه ٿو اٿاري؟ اهي پيروڪارغلط ۽ ڏاڍ کي اسلامي طور تي جائز قرار ڏئي عورتن خلاف جبر لاءِ جڏهن ڇون ٿا ته مڙس زال کي ايترو ماري جو هڏي نه پڄي باقي پيو سڀ خير آ. عورت جو منهن ڪهاڙي جي وارن سان ڇچرجي وڃي ڪو وڏو مسئلو ناهي بابا مڙس آ ڪاوڙ جائز آ.

دين فروشي جا اڳواڻ تشدد جي حمايت ڪندي سڌي ۽ اڻ سڌي ريت ماڻهن کي پنهنجي ضابطي ۾

رکن ٿا. ته جيئن سماج جا اپوجهه ذهن صحيح کي صحيح ۽ غلط کي غلط چوڻ جي سگهه نه جوڙي سگهن.اهڙن ذهنن کي مذهب جي چار ۾ ان کري ئي ڦاسايو ويندو آهي جو ماڻهو سماج کي هڪ پيو رخ نه ڏين. تبديلي لاءِ هميشه منفي رويو رکن، ماضي پرستي جي پکڙ ۾ الجهيل هجن. حق ۽سچ اهو سمجهن جيکو کين ملو ٻڌائي. پر کي تنقيدي ۽ مزاحمتي سوچ رکندڙ فرد ۽ سياسي ڌريون به آهن جيکي ملن ۽ انتهاپسنديءَ سان مهاڏو اٽڪائين ٿيون. اتي ئي عوامي ورکرز پارٽي هميشه جيان ڏاڍ ۽ جبر خلاف پنهجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو. 7 اپريل 2016 تي عوامي ورکرز پارٽي عورتن سان يڪجهتي جو اظهار کندي ملٽي پارٽي ڪانفرنس ڪوٺائي جنهن ۾ 50 پروگريسو، سيڪيولر، ٽريڊ يونين ۽ مختلف سياسي گروپن کي شرکت لاءِ گهرايو ته جيئن مذهبي ڌرين جي عورتن جي تشدد خلاف بل جي مخالفت تي اظهار راءِ رکي سگهن ته هو ان مسئلي کي ڪيئن سمجهي ۽ ويچاري رهيا آهن. انهن پارٽين منجهه عوامي نيشنل پارٽي، پي پي_ايس بي، پختونخواه ملي عوام پارٽي، پاڪستان مزدور ڪسان پارٽي، جيئي سنڌ محاذ، عوامي جمهوري پارٽي، پاڪستان سرائيڪي پارٽي آهن. عوامي ورکرز پارٽيءَ جي ميزبانيءَ ۾ ٿيندڙ ان ملٽي پارٽي ڪانفرنس ۾ پارٽي جي مک سربراهه عابد حسن منٽو ڪانفرنس ۾ صدارت کندي چيو ته مذهبي ڌرين اسلام کي راڪاس وانگر استعمال ڪري پاڪستاني رياست ۽ سماج کي نفرت جي دلدل ۽ تعصب ۾ ڦاسايو آهي.تنهن ڪري عوامي ورکرز پارٽي لاهور اسلامي نظرياتي بل جي ڀرپور مخالفت ڪئي.اها رٿا جيڪا اسلامي نظرياتي ڪائونسل طرفان اڳيان آئي

اها پدرشاهي ڪنڌ اخلاقيات جو نمونو آهي جنهن جو اهم مقصد عورتن کي تابع بڻائي ۽ انهن تي ڏاڍ کي جاري رکڻ آهي.

مذهبي انتها پسند ڏريون گهڻو تڻو بگاڙ ۽ انتشار کي هٿي ڏينديون رهيون آهن. تنهن ڪري رياست ۽ مذهب کي الڳ رکڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. جيئن يورپ اندر هڪ دؤر ۾ ماڻهن ڏٺو ته مذهب کي پادري پنهنجي مفاد ۽ مرضي تحت استعمال ڪري رهيا آهن ته اتي مذهبي اصلاح لاءِ تحريڪون به هليون جيئن ڪيٿوليڪ چرچ جي خلاف يورپ ۾ هڪ تحريڪ هلي جنهن جو اهم مقصد هوعلم کي چرچ جي مداخلت کان الڳ ڪيو وڃي ۽ هڪ اهڙي رياست وجود ۾ اچي جيڪا مذهبي عمل دخل کان آزاد هجي. ان تحريڪ کي جاڳرتا جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. سورهين صدي ۾ مارٽن لوٿر چرچ خلاف بغاوت ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ سڌارا آيا. پر اسانجو سماج اهڙن سيڪيولر سڌارن کان اڃا پري آهي.

سماج ۾ عورت جو هيٺو هجڻ ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته سماج اڻ اسريل آهي. سرمائيداري نظام ان پراڻ پسند سماج کي ائين ئي هلڻ ڏي ٿو چاڪاڻ ته غلامي، اڻ برابري، استحصالي صورتحال ئي سرمائيداري سماج جي بقا جي نشاني آهن. ان نظام سان ئي سرمائيداري سماج جو جيئدان ممڪن آهي.آزادي، جنسي برابري هڪ لحاظ کان سرمائيداري سماج جو توڙ آهي. ان کان علاوه خاندان ۽ گهر هڪ اهڙو ادارو آهي جنهن منجهه عورت مخالف ريتون، رسمون ۽ ثقافت پلجي ٿي. سڀ کان سستو مزدور گهر ۾ عورت جي روپ ۾ موجود آهي جنهن کي مختلف ڪمن لاءِ بنا ملهه جي استعمال ڪيو ويندو آهي جيئن ٻارن جي پالنا، گهر جا سڀ ڪم ڪارۦ جنسي سڪون

وغيره، جنهن کي مرد پنهجي ضابطي ۾ رکندو آهي ۽ بدلي ۾ تحفظ مهيا ڪرڻ جو ڊرامو ڪيو ويندو آهي.

انساني حقن جي پاسداري اسان سڀني جي ذميداري آهي.اڻ سهپ۽ بي بنياد مخالفت وارو رويو سماج ۾ بگاڙ جو سبب آهي. اسان کي معاشري کي رهڻ لائق ٺاهڻ لاءِ انساني جان جي اهميت، عزت، ۽ تحفظ کي يقيني بنائڻ لاءِ مثبت رويو اختيار ڪرڻو پوندو ۽ عوام کي پنهنجو رهبر پاڻ ٿيڻو پوندو، هڪ بهتر انسان ٿيڻو پوندو. جيڪو عزت غيرت جي فرسوده رسمن جو توڙ ڪري، جيڪو ڏاڍ خلاف آواز بلند ڪرڻ جي سگهه رکندوهجي.

مترجم سنيه

The Mask of beauty

by: Unna Stannart



عورت هڪ سهڻي جنس آهي، ڇا ڪنهن کي ان ڳالهه تي شڪ آهي؟ پکين ۾ به نر پکيءَ جا کنڀ سهڻا هوندا آهن ۽ انسانن ۾ هڪ ناري ئي سونهن طور مور جا کنڀ استعمال ڪندي آهي.

عورت جي نفي پلي ڪٿي به ڪيتري به ڪجي پر ڪير به انهيءَ ڳالهه کان انڪار نه ڪندو ته عورتون مردن کان وڌيڪ سهڻيون ۽ ڏسڻ وٽان هونديون آهن. ڇوڪريون ڪنڊ ۽ ماکيءَ وانگر منڙيون ۽ ڪيڪ وانگر نرم هونديون آهن. آمريڪا ۾ اهو مجيو ويندو آهي ته جيڪڏهن نئي سال ۾ چمنڊڙ پهريون ڀار ڇوڪري هوندي آهي ته اخبارن ۾ اها گوشنا ڪئي ويندي آهي ته ايندڙ ويهن سالن ۾ اُها نينگري مس آمريڪا ٿيندي. جهڙيءَ طرح ته سڀ مرد برابر آهن، تئين ئي سڀ عورتون سهڻيون آهن. پر پا ڪا بدنصيب ويچاري سهڻي نه به هوندي آهي يا ڪٿي ائين ڇئجي ته جيئن هر مرد جي ذهني ڏاهپ مختلف هوندي آهي، ساڳئي طرح هر ناري جي سونهن ۽ سوڀ جا مختلف ماپا ۽ معيار هوندا آهن. معنيٰ ته ڇڻ سڀ عورتون سهڻيون ته آهن پر ڪجهه عورتون ٻين عورتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سهڻيون هونديون آهن.

جڏهن ڪابه مائي پنهنجي چمندڙ ڌيءُ جو پهريون دفعو منهن ڏسندي آهي ته اوسي پاسي، اوڙي پاڙي وارا وڏي آواز سان ساراهيندا آهن. ”الا! ڪيڏي نه سهڻي

آهي- ... نه؟“ ۽ جيئن جيئن اُها نينگري وڏي ٿيندي ويندي آهي، اُها ائين ئي هر طرف عورت جي سونهن جا نمونا ڏسندي آهي، جي هو ٽي وي آڏو ويٺي آهي ته هر اشتهار منجهه ملندڙ پرفيوم، صابڻ ۽ شيمپو جو وڪرو ڪندڙ هڪ سهڻي اڇي رنگ واري مائي هوندي آهي. ٽي وي ايڪٽرس ڪان وٺي فلم جي هيرو ئي ٿيڻ پڻ سونهن جو هڪ اعليٰ نمونو هوندي آهي. جڏهن مارڪيٽ ۾ اهائي نينگري پنهنجي ماءُ سان وڃي ٿي ته هن جون نظرون چوڌاري پيل ميگزين ۽ ڪتابن تي ڇپيل سوٽهين / اڌ اگهاڙين ماين تي ڪُپي ويندڀون آهن. جڏهن هو ڪنهن پارڪ ۾ وڏن جهولن تي لُڏندي روڊن تي لڳل اشتهاري بل بورڊن ڏانهن نهاري ٿي ته اتي به سهڻيون ڇوڪريون ئي ڪنهن نه ڪنهن آئيٽم جو وڪرو ڪندي پيون نظر ايندڀون آهن. جڏهن اهائي نينگري ڪنهن عجائب گهروجي ٿي ته هن کي اڪثريت ۾ مايون ئي ڪنهن مورتي يا ڪنهن سهڻي پينٽنگ جي شڪل ۾ نظر اچن ٿيون، جتي هنن جي سونهن سپني لاءِ ڪلي عام موجود هوندي آهي ته جيئن ڏسندڙ انهيءَ سونهن کي ڏسي، ساراهي ۽ واکاڻي سگهي. نه صرف اهو پر گهر ۾ ايندڙ ميگزين، اخبار، رسالن ۾ لَسن پنن تي چمڪندڙ تصويرون سهڻين ماين جون ئي هونديون آهن. ٽي وي تي به اها نينگري هر سال بي حساب سونهن جا ٿيندڙ مختلف مقابله ڏسي ٿي، جنهن ۾ ’مس يونيورس‘ جو خطاب حاصل ڪرڻ واري ويڙهه سڀ کان اتم سمجهي ويندي آهي. ’مس يونيورس‘ جي خطاب جي معنيٰ ڪائنات جي سهڻي مائي آهي.)

نينگريون نه صرف انهن سهڻين ماين کي ڏسنديون ۽ انهن بابت ٻڌنديون آهن پر انهن جي باري ۾ هو پڙهنديون آهن. جيئن ته اخبارن ۾ هڪ ناري کي هميشه هڪ سونهن جي مجسمي طور پيش ڪري مختلف نالن سان مخاطب ڪيو ويندو آهي. مثال طور حسين، عمده، خوبصورت، ڇڪيندڙ، پُرڪشش موهيندڙ ۽ ڪنوارون؟؟ اهي ته

ظاهري ڳالهه آهي تمام سهڻيون هونديون آهن. موسيقي ۽ گانا به صرف سهڻين ماين جي باري ۾ هوندا آهن، ٻارن جي آکاڻين ۾ آخر ۾ راڻي ۽ فلمن ۾ هيروئن هميشه راجا يا هيرو کي پنهنجي سونهن جي طاقت سان زير ڪري فتح ياب ٿينديون آهن. هر شاعر پڻ توهان کي پنهنجي شاعري جي آخري سٽن ۾ اهو ڳائيندو نظر ايندو ته ”ڇا ته هُن جي سونهن، سپني کان سهڻي“ ”سهڻين ۾ سهڻي مخلوق“ انهن سپني کي ڏسڻ کان پوءِ جڏهن اهائي نينگري شيشي آڏو پنهنجي پاڻ کي ڏسي ٿي ته هن کي اها آکاڻي ٿي ياد اچي جنهن ۾ بدشڪل، بچڙي بدڪ جو ٻچو هڪ سهڻي هنس پکيءَ ۾ مٽجي ويندو آهي هوءَ جڏهن پنهنجي مائٽن جي گهر وڃي ٿي ته سڀ ڏسي هن کي ساراهين ٿا ”ڪيڏي نه سهڻي ۽ پياري آهي.“ ۽ هن جي ماءُ هن کي هميشه اهو ياد ٿي ڏياري، ٻڌائي ٿي ته هو وڏي ٿي ڇا ته تباهي ڪن سهڻي مائي ۾ مٽجي ويندي. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته سونهن ماهواري جي عمل وانگر ٿيندي ئي سهڻي پڻ ٿي ويندي آهي ۽ هر مائي بالغ ٿيندي ئي پاڻ ئي پاڻ سهڻي ٿيندي ويندي آهي. ان لاءِ هو تيستائين انتظار ڪندي آهي، هڪ اڻ کٽندڙ انتظار ۽ جڏهن هو بالغ ٿيندي آهي ته هو بيهي پاڻ کي شيشي ۾ ڏسندي آهي ته هن کي خبر پوندي آهي ته هي انتظار ڏکيو آهي ۽ اڃا پنڌ پري آهي. انهن سپني ڳالهين کان پوءِ ناري ان سونهن جي ڳولا لاءِ هڪ اجائي سفر کي شروع ٿي. ڇو جو هن ننڍي هوندي کان ئي هر جاءِ، ڪتاب، ٽي وي، اشتهارن مان اهو ڄاڻيو آهي: ”سهڻو ٿيڻ هر مائي جو حق آهي! ميڪ اپ ۾ جادو آهي“ ”اهو توهان کي مٽائي ڇڏيندو آهي.“ اهڙا اشتهار عورتاڻي سونهن ۽ نزاڪت جو هڪ اهڙو ڪوڙو خيال، ڇل پيدا ڪندا آهن، جنهن جي پويان هو ناري ديواني هوندي آهي. ان ڪري اهائي ناري پوءِ بازار ۾ ايندڙ هر نئي ڪريم، لوشن، سرخي، لالڙي، مسڪارا، ڪجل ۽ مختلف ميڪ اپ جي سامان ۾ اهو

جادوئي نسخو ڳوليندي آهي. جنهن سان هو هڪ ”سهڻي مائي“ ۾ مٽجي سگهي ٿي. وارن ٺاهڻ جو هر نئون انداز، رنگ برنگي ڪمر بند، ڪڙي واريون نيون جُتيون، هر نئون وڳو، رنگ برنگي، ٽائٽ سوئيٽر، هن کي موهيندڙ ٺاهيندا آهن. هو پويان ڪڏهن به نه ٿيندي آهي ۽ ائين ئي وار رنگيندي، اسٽائل سان ٺاهيندي، هن جي ڳٽن تي گهنج به اچي پهچندا آهن، پر لپ اسٽڪ هن جي انهن چپن تي ضرور هوندي آهي جنهن جي اردگرد گهنج پئجي ويندا آهن ۽ هن جي چمڙي جيڪا گهنج پيل هوندي آهي، انهن کي اجا تائين ڪريم هٽندي هٽندي نيٺ هو مري ويندي آهي. صدين کان وٺي، سونهن جي ڳولا لاءِ چيني مايون، پنهنجي پيرن کي پٽين سان پويان ڪري ٻڌنديون هيون ته، جيئن هو سوڙها ٿين، ڏبجي سگهن. ۽ انهن کي سوڙهو ڪري هڪ آدرشي نموني ٽن انچن تائين ڪنديون هيون. ۽ انهن مثالي آدرشي سونهن لاءِ ڪابه لوڙ وڏي نه هئي. چيني مايون، چار سال جي عمر ۾ ئي ڇوڪري جا پير ٻڌي ڇڏينديون هيون، پير جي آڱوٺن کي پويان ڪري ايترو ته زور سان ڇڪيو ويندو هو جو رت ۽ پس پٽين مان وهندو هو. ۽ ڪافي دفعه آڱوٺا پٽڻ سبب يا گوشت ڪاٽجي وڃڻ سبب موت واقع ٿيندي هئي ۽ جي اگر ڪا ناري ان سپني کان بچي ويندي هئي ته پوءِ هو ڪنهن بيماري يا بيساکي جي مدد بغير نه هلي سگهندي هئي. ائين ئي ان کان پوءِ سوڙهن آڱوٺي وارن بوٽن جو فيشن مشهور ٿيو جنهن جي ڪري ڪافي ماين پنهنجا آڱوٺا وڍرائي ڇڏيا هئا ته جيئن هو آرام سان اهي سوڙها بوٽ پائي سگهن. اهي مثال شايد توهان کي ديوانگي جي حد لڳن، پر اڄوڪي دور ۾ به نارين پاڻ کي تڪليف ڏيڻ کان گهٽايو ناهي. مثال طور وڏي ڪڙي واريون جُتيون پائي مختلف هڏن جا مسئلا، چيلهه ۾ سور ۽ ڪئين ٻيون تڪليفون لوڙيون اٿن. اتي تڪليفن جي نوعيت صرف مختلف آهي. پر اُها ديوانگي، چريائپ ساڳي نموني موجود آهي.

پهرين چوندا هئا ڪي چيني مايون به دفعه انهيءَ سونهن جي ڳولا ۾ لوڙينديون هيون. هڪ دفعه پير جا آڱوٺا وڍرائي ته ٻي دفعه ڪنُ ٽوپرائي پر اڄ جي ڇوڪري پهريون دفعه وڏي ڪڙي پائيندي ڪڏهن به توهان کي دانهن نه ڏيندي ته هن جي پير ۾ تڪليف ٿئي ٿي، پر هو ڇوڪري وڏي ٿيندي ئي پنهنجي اردگرد جي ماحول کي ڏسي. ڪنَ ٽوپرائڻ تي به پاڻ ئي پاڻ زور پريندي ڇو جو هو انهن سڀني عملن جن ۾ جسم جي مختلف عضون کي تڪليف، يا ڪٽ وڍ ڪجي. ان کي تڪليف يا لوڙ سمجهن ئي ڪون ٿيون. ظاهري طور سونهن لاءِ اها سچي جاکوڙ هڪ نشي آور مرحلي وانگر آهي. تنهن ڪري پوڙهين به فيشن ڪرڻ ڪان ڪين گهٽايو آهي. ڇو جو اهي پنهنجا پرون به ٿهرائنديون هيون. ان کان علاوه، جيڪڏهن پرون لهرائڻ به فيشن هجي ها ته مايون پرون جو هڪ وار به پنهنجي نرڙ تي نه رکن ها، جيئن ڪئي سال اڳ جاپان جي ماين پاڻ سان اها ويڌن فيشن جي نالي تي ڪنديون هيون. مايون پنهنجي جسم تي عورتاڻا وارا نه لاهينديون آهن. پر ڪجهه بدنصيبن جي جسم تي مردانه وار پڻ هوندا آهن. انهن کي لاهڻ جي چڪر ۾ ناريون مختلف تڪليف ده عملن مان پاڻ کي گذارينديون آهن جن ۾ Electrolysis ’اليڪٽرو لائسس‘ هڪ ناميارو عمل آهي. انهي ريت، ڪوڙ مايون منهن تان مُهيڙن جي خاتمي لاءِ منهن جي سرجري جهڙي ڏکئي عمل مان گذري، پنهنجي چمڙي ڇلرائي، منهن جي ڪٽَ وڍ ڪرائي، پنهنجا عضوا مصنوعي مشينن ذريعي بيمڙ بدلائي ڇاتين کي سيليڪون جهڙن زهر آلود مادن سان ڀرائي هو سونهنءَ جي هڪ اڻ ڪٺندڙ پنڌ ۾ جٽيل هونديون آهن. نه صرف اهو پر گهٽيون ئي ته ناريون سهٽي ٿيڻ جي چڪر ۾ پنهنجو وزن گهٽائڻ لاءِ سلاد، ڪچٽي، ڏاري جي پت کان علاوه ڪنهن ٻي عام کاڌي جي ويجهو نه وينديون آهن ۽

مختلف ورزشن ۾ جٽيل هونديون آهن سهٽي ۽ فيشن ايبل ٿيڻ جو اهم شرط توهان جو وزن به آهي. پر جيڪڏهن ٿُلهو ٿيڻ به فيشن ۾ شامل هجي ها ته مايون پاڻ کي زوريءَ به کارائين ها. (پوءِ پلي گهرج هجين نه هجين) ۽ پراڻي زماني جون ناريون وافر مقدار ۾ کائينديون هيون جو سپني کان ٿُلهي مائي ئي سپ کان وڌيڪ سهڻي سمجهي ويندي هئي. جيڪڏهن 18 انچ چيلهه جي سائز ٻيهر فيشن ۾ شامل ٿي ته مايون پنهنجا آندا، هڪ ٻُڪي، هڪ به پاسريون ڪٽرائڻ کان به ڪين ڪيٻائينديون ڇو جو پيار، جنگ ۽ سونهن ۾ سپ جائز آهي.

پريانڪا ڏيرو

شاگرد سياست ۾ عورت جو ڪردار



پوئين مهيني جي ڳالهه آهي. مان هڪ دوست جي گهر افطار پارٽي ۾ ويس، اتي اهو موضوع هلي رهيو هيو ته شادي ڪڏهن ڪجي، ڪهڙي قسم جي ڇوڪري سان ڪجي ته مونکان به منهنجي دوست پڇيو "پريانڪا تون ٻڌاءِ تون ڇا ڪندينءَ"؟ مان چيو "شادي جي ته اڃان خبر نه آهي پر ها مان سياست ڪنديم" اها ڳالهه ٻڌي اتي ويٺل منهنجون دوستون کلڻ لڳيون، ته سياست وري ڪيئن؟ اهي ڳالهيون ڪجن پلي پر ڪڏهن تون ته ڇوويهه ڪلاڪ رڳو اهي ڳالهيون ٿي ڪرين" هن رويي منهنجي ذهن ۾ گهڻائي سوال اٿاريا. آخر سياست هڪ کل جوڳو عمل ڇو بڻجي وئي آهي؟ ڇا منهنجو سياست ڪرڻ جو چوڻ غلط هو؟ يا منهنجو ڇوڪري ٿي سياست جي ڳالهه ڪرڻ غلط هو؟ ائين ڇو آهي ته جن معاملن کي ڇوويهه ڪلاڪن کان به مٿي وقت ڏيڻ جي ضرورت آهي. اسان اهي معاملا محض ڪجهه لمحن ۾ گهڙين جي دائري ۾ رکڻ چاهيون ٿا. انهن سوالن جي لاءِ ڪي ٺهيل ۾ طئي ٿيل جواب ته نه آهن پر تاريخ ۾ سماجي حالتن جي دائري ۾ انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جڏهن به اسان سماج ۾ روين جي ڳالهه ڪندا آهيون ته اسان کي هميشه اهو سمجهڻ گهرجي ته سماجي رويا قدرتي نه آهن هوندا، وقت جي حاڪم نظرين ۾ هڪ مخصوص نظام تحت انهن سماجي روين ۾ اهڙن سماج کي ٺاهيو ويندو آهي. اسان وٽ نوجوانن جي هنن روين جي پويان

تاريخي سبب هي به آهي ته 70، 60، 50ع جي ڏهاڪن ۾ پاڪستان ۾ شاگرد يونين تمام گهڻي سگهاري. نه صرف يونيورسٽيز ۾ پر يونيورسٽيز کان ٻاهر به شاگرد يونين پنهنجي سياسي جماعت سان ڳنڍجي اليڪشن جي وقت، جلسن، جلوسن ۾ تمام اڳيان اڳيان رهيون. پر ذوالفقار ڀٽي جي وڏندڙ حڪمراني ۽ جنرل ضياءُ جي حڪومت تي قبضي کانپوءِ شاگرد يونين پنهنجي بدترين دور ۾ داخل ٿي. جتي ضياءُ الحق پنهنجي وزارت ۾ جماعت اسلامي جي ماڻهن کي شامل ڪيو. جنهن جو نقصان اهو ٿيو ته جماعت اسلامي جي شاگرد يونين تعليمي ادارن ۾ نظرياتي ويڙهه بدران هٿيارن جي ويڙهه شروع ڪئي. جنهن جي ڪري 1984ع کانپوءِ شاگرد يونين ۽ شاگرد تحريڪن تي پابندي لڳائي وئي. نتيجن شاگرد سياست پنهنجو وجود وڃائي ويٺي هاڻي پاڪستان ۾ شاگردن کي سياسي نظريا سيکارڻ جي بجاءِ سماجي رويا سيکاريا وڃن ٿا جيئن سٺو مسلمان ڪيئن ٿجي؟ پاڻي کهڙي هٿ ۾ کڻي پيئجي؟ يا ڪيلي کي ڪائڻ جو اسلامي طريقو ڇا آهي؟

چوڻ جي لاءِ ته هي رياست اسلامي جمهوريه پاڪستان آهي پر هتي اسلام ۽ جمهور ٻئي هڪ خاص طبقي جي هٿ ۾ آهن. جن کي جڏهن وڻي، جيئن وڻي اسلام ۽ جمهور کي پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪن. محترمه بينظير ڀٽو جيڪا پنهنجي سياسي تربيت پنهنجي شاگردي واري دور ۾ شاگرد يونين جي صدر ٿي ڪري ڪئي. پاڪستان جي حڪومت ۾ به ٻيرا اچڻ جي باوجود شاگرد سياست تان بندش نه هٽرائي سگهي. نه صرف ايترو پر اهائي پيپلز پارٽي سنڌ يونيورسٽي ۾ رينجرس موڪلي شاگردن جي سياسي گڏجاڻين ۽ جلسن جلوسن کان روڪي ٿي. جنهن جو جواز اهو ڏنو وڃي ٿو ته شاگرد پڙهائي ڪن، سياست نه ڪن. ڇا ان جو مطلب اهو آهي

ته جن کي سياست ڪرڻي آهي اهي پڙهائي ڇڏي ڏين؟ يا توهان کي اهڙا سياستدان ڪپن جيڪي پڙهيل لکيل نه هجن؟ هن سياسي ماحول نوجوانن ۾ هڪ مايوسي ۽ نا اميدي پيدا ڪئي آهي جنهن جي ڪري اسان هر پيري اهو ٻڌندا آهيون ته ”ڪجهه نه ٿيندو“ ”ڪا تبديلي نه ايندي“ هي مايوسي نوجوانن کي انهن جي سماجي ۽ سياسي مسئلن کان پري ڪري بيهاري ٿي. جنهن جو نتيجو اهو نڪري ٿو ته اهي بجاءِ هڪ سماجي وجود جي صرف هڪ انفرادي فرد ٿي سوچن ٿا.

نوڪري، پيسو يا ٻاهرين ملڪ وڃڻ ئي زندگي جا حقيقي مقصد ٿيي وڃن ٿا. ”نوجوان“ لفظ پڙهي اسان سڀني جي ذهنن ۾ نوجوان ڇوڪرن جو تصور ايندو هوندو. پر هتي هي لفظ ٻنهي جنسن لاءِ استعمال ڪيل آهي. سياست ۽ ڇوڪريون؟ نه نه اها وري ڪهڙي ڳالهه ٿي؟ ڇوڪريون سياست ڪنديون ته خاندان جي عزت گهٽ ٿي ويندي. پر ٿورو پاڻ کان پڇون ٿا ته ”عزت“ ظلم ۽ ناانصافي خلاف وڙهڻ سان گهٽجندي آهي؟ يا ظلم، ۽ ناانصافي برداشت ڪرڻ سان؟

پنهنجي پاڙيسري ملڪ هندوستان جو مثال وٺون ٿا. جتي جواهر لال نهرو يونيورسٽي (JNU) ۾ شاگرد يونين جي (VP) وائيس پريزيڊنٽ ڪامريڊ شهلا راشد جيڪا هڪ ڪميونسٽ ۽ ڪشميري ڇوڪري آهي. هڪ اهڙي تحريڪ هلائي ٿي، جنهن ۾ نه صرف ان جا ڪوڙي ڪيس ۾ قيد ٿيل ساٿي آزاد ٿين ٿا، پر جنهنجي وجهه سان الهاباد يونيورسٽي جي هڪ شاگرد روهت وملا خودڪشي ڪئي تعليم جي ان وزير سمرتي ايراني کي به پنهنجي وزارت تان هٽرائي ڇڏي ٿي. ڪامريڊ شهلا راشد کان انٽرويو ڪندي پڇيو ته آخر توهان ڪاڀي ذر جي سياست ۾ ڇو آيو؟ ته ڪامريڊ شهلا مطابق ”مان ڪاڀي

ڏر جي سياست ۾ ئي ايتري جڳهه ڏني جتي مان عوام جي حقيقي مسئلن تي ڳالهائي سگهان"

هي سماج، ساڄي ڌر جا سياسي اڳواڻ، ۽ اخلاق جا ٺيڪيدار عورت کي نه صرف سياست کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر جيڪي عورتون سياست ڪن ٿيون انهن تي غلط الزام لڳائڻ ۽ گارين ڏيڻ کان وٺي هر اهو عمل ڪن ٿا جيڪو انهن جي ڪوڙي مردانگي کي اظهاري ٿو. منهنجي ان سوال تي ته سياسي سرگرمين ۾ نمايان هجڻ تي توهان کي ڪهڙن روين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو؟ ڪامريڊ شهلا راشد چوي ٿي ته ساڄي ڌر جي ڀارتي جنتا پارٽي (BJP) جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن اسان کي هراسان ڪرڻ لاءِ اسان تي جنسي حملا ڪندا آهن. اهي نظرياتي طور تي ايترا ڪمزور آهن جو انهن وٽ اسان جي سياست تي تنقيد ڪرڻ لاءِ ڪوبه شعوري طريقو نه آهي، جنهن جي ڪري اهي گاريون ڏين ٿا."

ان تي مونکي سنڌي ۾ هي چوڻي ياد آئي ته "سڪٽي ڪُني گهڻو اپامي".

هي سماج عورت جي خلاف قانون ۽ ريتون رسمون ته جوڙي ٿو پر خود انهن قانونن ۽ رسمن جي خلاف عورت جي انڪار ۽ ويڙهه کي غير اخلاقي ۽ غير مهذب قرار ڏئي ٿو. هي نظام ايترو ته مضبوطي سان هي رويا ٺاهي ٿو جو عورت پاڻ سان ٿيندڙ ان ناانصافي ۽ ظلم کي تقدير ۽ قسمت سمجهي قبولي ويهي ٿي. عورت کي گهٽ عقل، ڪمزور ۽ جذباتي قرار ڏئي هي سماج عورت کي گهرن تائين محدود ڪري ڇڏي ٿو ۽ عورتن لاءِ اهو ڪوڙ هڪ حقيقت بڻجي وڃي ٿو.

UN جي 2015 آگسٽ جي رپورٽ مطابق سڄي دنيا ۾ 22% سيڪڙو عورتون حڪومت ۾ شامل آهن. جن مان به صرف 10% سيڪڙو عورتون ملڪ جي اعليٰ عهدن تي

فائز آهن. اسان جي ملڪ ۾ عورتن تي تيزاب هارڻ، عزت ۽ غيرت جي نالي تي قتل ڪرڻ، مذهب ۽ رسمن جي ور چاڙهڻ ڏاڍو قابلِ قبول آهي. پر عورت جو پڙهڻ، نوڪري ڪرڻ، سياست ڪرڻ عزت جو مسئلو ٿيو وڃي. سماج جي اڌ آبادي ڪي گهر ويهاري فيصلا وٺڻ ۽ قانون ٺاهڻ جي حيثيت کان پري رکي ڪهڙي برابري ۽ انساني حقن جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي؟ ڪامريڊ شهلا عورتن جي سياست ۾ حصو وٺڻ تي چيو ته ”عورتن جا مسئلا ساڄي ڌر جي جماعتن جي لاءِ اهم نه آهن. اسان کان صرف ووٽ ڏيڻ جي اميد رکي ويندي آهي. اسان جي سماجي حيثيت تڏهن ئي وڌي سگهندي جڏهن اسان پنهنجي وسيلن جا مالڪ پاڻ، ۽ سياسي ۽ شعوري لحاظ کان سگهارا هونداسين. اسان کي پنهنجو آواز پهچائڻ لاءِ سياست جو ئي رستو اختيار ڪرڻو پوندو.“

اسان وٽ پيپلز پارٽي جنهن جي گهڻي تر سياست محترمه بينظير ڀٽو جي نالي تي هلي ٿي، اها پارٽي پنهنجي عورت ميمبرن کي نه ته بلدياتي اليڪشن ۾ سيٽ ڏيئي ٿي، نه ئي 130 مان ڪنهن به هڪ ٽائون ڪاميٽي جي چيئرپرسن ٿيڻ جي لاءِ نامزد ڪري ٿي.

ته پلا عورتن کي ڪيئن گڏ ڪجي؟ ڪهڙي قسم جي سياست عورتن جي مسئلن تي ڳالهائي ٿي؟

”کاٻي ڌر جي سياست“ ڪامريڊ شهلا جي مطابق کاٻي ڌر جي سياست ئي آهي جيڪا هر قسم جي استحصال ۽ جبر خلاف وڙهي ٿي. کاٻي ڌر جي سياست ئي اسان کي بنا ڪنهن رنگ، نسل، جنس ۽ فرقي جي فرق کان هڪٻئي جي لاءِ ڳالهائڻ سيکاري ٿي.“

اسان کي عورت کي غيرت يا جسم جي بجاءِ ان کي هڪ انسان جي حيثيت ۾ سمجهڻ جي ضرورت آهي. عورت جي ان اڻبرابري کي سماجي ۽ صنفي برابري سان ئي ختم ڪري سگهجي ٿو. ليلا خالد، سيليا سانچيز، کان

وٺي ڪاميلا ولجو ۽ شهلا راشد تائين هر عورت پنهنجو پاڻ کي هڪ قابل ۽ سياسي شعور رکندڙ فرد ثابت ڪيو آهي. ترقي پسند سياست ۾ عورت جو حصو اوترو ئي لازم آهي جيترو ڪنهن به سماج ۾ هڪ مرد جو ڪاپي ڏر جي سياست ۾ هجڻ. عورت ۽ مرد کي پنهنجي ذات جي هر حياتاتي فرق سان گڏ هڪ برابر ۽ انصاف سان ڀريل سماج جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

بخشل ٿلهو

“هي ڪيس واريءَ جو پنڌ آ !”



بتاريخ 17هين جون شام پنجين وڳين کان (جڏهن مون پنهنجي پياري پاٽيجي بينظير قادري ۽ مصطفي شيخ جا سول اسپتال حيدرآباد وٽ ڪار جي پوئين سيٽ تان لاش کنيا هيا) 14هين جولاءِ تائين (جڏهن بينظير جي قبر کُشائي ٿي ۽ منهنجي سامهون پوسٽ مارٽم ٿيو) جو زري گهٽ مهيني جي مزاحمت جو سفر ڪيئن ۽ ڪهڙي قيمت تي ڪٽيو سو سڀ ته ٿيو هڪڙي پاسي پر هڪ سياسي ڪارڪن جي حيثيت ۾ پنهنجي ٻچن کي انصاف ڏيارڻ جي پنڌ ۾ آءُ جن تجربن منجهان گذريو آهيان سي به ونڊڻ جهڙا آهن. پوليس، جيوڊيشري، ميڊيا، صحت جي شعبي کانوڻي پنهنجي سماج جي ريتن رسمن سميت عزت ۽ غيرت جهڙن قدرن سان جهڙي ريت هن پيري واسطو پيو تنهن به واريءَ پني جيان تمام گهٽو رهڙيو آهي. جهڙي حالت ۾ اسانکي لاش مليا هيا اُن کانپوءِ جيڪڏهن مامرن کي روايتي طور طريقي سان ڪٽجي ها ته بينظير ۽ مصطفي جو ڪيس ته صرف ٽجهي جي مار هو پر سلام آهي مرحومه جي ماءُ، پيءَ ۽ چاچي کي جنهن مِني به ماٺ ته مُني به ماٺ بجاءِ مزاحمت جو دڳ چونڊي، صرف ڪجهه ڏينهن نه پر هر روز مرڻ ۽ جيئڻ جو فيصلو ڪيو. اسانکي اها قوت ان دائري کان به ملي جيڪو ڪجهه عزيزن، دوستن ۽ همدردن جي صورت ۾ اسانکي نصيب ٿيو. بينظير ۽ مصطفي ٻئي زيبيسٽ جا شاگرد رهيا ۽ هڪٻئي سان پيار ڪندا هيا. خود بينظير

مصطفي سان مونکي هڪ دفعو ملرايو به هو. بينظير اوريڪس ليزنگ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندي هئي ۽ مصطفي ڪار شو روم جو بزنس ڪندو هو. پر اُنکان پهرين جو ٻئي زندگيءَ جو سفر گڏ گذارڻ وارو خواب ساڀيان ڪن، ظالمن ڪين موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو. شروع ۾ ان سموري ڪيس کي خودڪشيءَ جو رنگ ڏنو ويو پر جڏهن اهو رنگ ڪونه ٻيٺو ته پوليس پهرين ڏينهن کان انکي حادثو قرار ڏيڻ شروع ڪيو. پلو ٿئي اسانجي معذرو ميڊيا جو جنهن وٽان تحقيقي صحافت الائجي ڪڏهن موڪلائي وئي پاڻ کي خبر ڪان پئي سا به صرف فون تي پوليس وارن کان ۽ ڪڏهن ڪڏهن وارثن کان موقف پڇي هڪ گيراج ڪهاڻي کي اڳيان ڪيو جيڪا خود سوال هيٺ آهي. ڇو ته نياڻي ۽ ڇوڪري جي وارثن کي ته لاش اسپتال منجهان مليا ۽ ٻنهي جي ايف آئي آر ۾ ڪنهن به گيراج جو ڪو به ذڪر به ڪونهي پر جيئن ته شروعاتي تفتيش هيٺ آيل ڪجهه نوجوانن ۽ تيرنهن سالن جي اُن ڊرائيور جنهن لاش اسپتال آندا تنهن هڪ مبينا گيريج جو ذڪر ڪيو تنهن بنياد تي اسانجي هڏ هرام پوليس ان موقف کي ئي اڳيان ڪري پنهنجي پاڻ کي وڏيڪ تفتيش کان آجو ڪيو. جيتوڻيڪ حيدرآباد شهر ۾ ٿيندڙ اهو ٿيون واقعو آهي پر ڪنهن هڪ واقعي جي تفتيش به پوليس جي ريڪارڊ ۾ ڪونهي جنهن ۾ موت جو ڪارڻ واضع ٿيو هجي. پوئين ڪيسن ۾ ته ڪٿي وارثن پنهنجي ڪيس جي پوئيواري اسانجي سماج جي دقيانوسي قدرن سببان ڪونه ڪرائي هئي پر هن ڪيس ۾ ته اسان شروعاتي غلطي (ڇوڪريءَ جو پوسٽ مارٽم نه ڪرائڻ) ڪرڻ ڪانپوءِ اُپا ٻيٺا آهيون. ڪو ڏينهن اهڙو ڪونهي جو اسان ٿاڻي، اسپتال، ڪورٽ يا ڪنهن ٻي پاسي جو چڪر نه هڻندا هجون. پر سڄي شهر ۾ پنهنجا پينافليڪس هڻائيندڙ پوليس آفيسر شايد ماڻهن

ڪي قُل فرائي يا هاف فرائي ڪرڻ ۾ مصروف آهن. هن سموري وارتا ۾ صرف هڪ انويسٽيگيشن آفيسر آهي جيڪو اسان سان رابطي ۾ آهي ۽ جنهنجو قلم ۽ ٽنگون هلن ٿيون. ان سموري عرصي ۾ اسان هڪ دفعو به ايس ايچ او کي ٿاڻي تي ڪونه ڏٺو آهي. جيڪڏهن اسان ڪورٽ ذريعي ان سموري ٽيم جي تبديليءَ جي تقاضا ڪيون ٿا ته ويجها دوست اچا وڏيڪ نالائق ٽيم جي ملڻ جو پوءَ ڏئي ساڳِن ئي ماڻهن کان ڪم وٺڻ جي صلاح ڏين ٿا. شروعاتي ڏينهن ۾ سوشل ميڊيا ۽ ٻين ذريعن سبب جڏهن پوليس ڪاموراشاهي (bureaucracy) مٿان دٻاءُ وڌو ويو ته هڪ جوائنٽ انويسٽيگيشن ٽيم (JIT) پڻ جوڙي وئي. پر هن وقت تائين اُن ٽيم جي ڪا هڪ ميٽينگ به نه ٿي آهي ۽ نه وري اُن ٽيم پاران اسان سان ڪو به رابطو ڪيو ويو آهي. ها اهو ضرور ٿيو ته ڊي آءِ جي پاران گهرايل هڪ گڏجاڻيءَ ۾ مرحومن جي وارثن ۽ تفتيشي آفيسرن سان گڏ جانچ هيٺ نوجوانن جا زباني بيان ٻڌارئي چڻ ته هڪ جرڳو گهرائي اهو ٻڌائڻ پئي گهريو ويو ته واقعي کي حادثو سمجهي وڃي گهر ويهي رهو. پر اسان جو تڏهن به چوڻ اهو هو ته جيڪڏهن تفتيش جي شروعات کان ئي اوهان انجي نتيجن تي نه صرف پهتل پر بضد به آهيو ته هڪ غير جاندار جانچ ڪيئن ممڪن آهي؟ چو پلا پوليس جي هيٺين عملدارن کانوني اعلي آفيسرن تائين سڀ هن واقعي کي پوسٽ مارٽم کان پهرين ئي ڪنهن موتمار گيس يا حادثي جي کاتي ۾ وجهڻ لاءِ تيار آهيو؟ چو پلا ٻن ايف آئي آرن کي مهينو گذرڻ باوجود ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي؟ پهرين ته پوليس جو چوڻ هو ته اسان پوسٽ مارٽم جي رپورٽ جو انتظار ٿا ڪيون پر هاڻي ته مصطفي جي پوسٽ مارٽم جي ڪيميڪل رپورٽ به اچي وئي آهي. پوليس اسان کان ڪچي شڪ جو پڇاڻو ڪري ٿي پر اسان ڪنهن به ريت پنهنجي پيارن

کي انصاف ڏيارڻ جي چڪر ۾ ڪنهن ٻي ڏوهي کي ڦاسائڻ نه ٿا چاهيون. قاتل ڳولهڻ ۽ پڪڙڻ پوليس جو ڪم آهي اسان جو نه. اسانجي سماج ۾ جيڪڏهن غيرت ۽ پلاند جهڙا رويا موجود آهن ته انجو ڪارڻ جاگيرداري نه پر هن سرمائيدارڻي سماج جا سُندِ ٿيل ادارا آهن. جن ڪان جڏهن ماڻهو مايوس ٿا ٿين ته پوءِ پاڻ ئي پنهنجي انصاف کي حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير ٿا هڻن. نتيجي طور انهن ادارن تي اُهو سماجي دٻاءُ پوي ئي ڪونه ٿو جو اِهي پاڻ کي عوام آڏو جوابده سمجهن. حيدرآباد سنڌ جو ٻيون نمبر وڏو شهر آهي ۽ ٽذي سڙڪ شهر جو مصروف ترين روڊ، جتي وڏين بيئنڪن ۽ آفيسن جون روڊ ڏانهن ڪلنڊڙ ڪيمرائون به آهن پر پوليس ڪا به هڪ وڊيو حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام آهي. جڏهن ته انڊس هوٽل وٽ هڪ هفتي جو ۽ پيزا هٽ وارن وٽ ٽيرنهن ڏينهن جو ريڪارڊ موجود هو. پر اسٽيٽ لائيف عمارت وارن چيو ته اسانجي ڪيمرا خراب آهي. پوليس وارن پنهنجي ڪاغذن ۾ لکي ڇڏيو. سوال به گم ته جواب به گم. ان سموري نااهليءَ ۾ صرف پوليس جو شعبو پهرين صف ۾ ناهي؟ هر ادارو تباهه ۽ برباد آهي. صحت جي شعبي جي حالت اِها آهي ته ڇوڪري جي پوسٽ مارٽم جي هڪ هفتي ڪانپوءِ به سندس عضوا (viscera) ڪڏهن ڪنهن هڪ ته ڪڏهن ڪنهن ٻي ڊاڪٽر جي غير موجودگيءَ سبب جانچ لاءِ نه وڃي سگهيا هئا ۽ نتيجو اهو آهي ته ويهه ڏينهن ڪان پوءِ ايندڙ ڪيميڪل رپورٽ ۾ موت جو ڪارڻ واضع ڪونهي. يقين ڄاڻو! اسان پنهنجي نوجوان ڌيءَ جو لاش ڪٽي عذاب ۾ اڇي ويا آهيون. هڪ ڪاغذ کي ٻي هنڌ پڄائڻ لاءِ به اسان کي زور ڏيڻو ٿو پئي. پاڻ تفتيشي آفيسر کي ساڻ ڪري الائجي ڪاٿي ڪاٿي رلڻو ٿو پئي. پاڻ ئي قانوني پاسن ۾ تيز ٿيڻو ٿو پئي. هن ڪيس جا متاثر به اسان آهيون ته تفتيش ڪندڙ، وڪيل، صحافي ۽ ڊاڪٽر به پاڻ

آهيون. هن ڪيس اندر تمام گهڻا ٽيڪنيڪل سوال آهن جيڪي اڃا تائين جوابن کان محروم آهن جن جو تفصيل، تفتيشي گهرجن پٽاندر هن مضمون ۾ ڏيڻ کان قاصر آهيون. ماڻهو چون ٿا اهو واريءَ جو پنڌ اٿو ۽ اسان به ان پنڌ لاءِ تيار آهيون. جنهن عزت ۽ غيرت تي زمانو ٽڪيو ٿو اسانجو ان سان ڪو واسطو ڪونهي. اسان لاءِ سڀ کان وڏي بيعزتي اِها ناهي ته اسانجا ٻار وڏا ٿي نوڪريون ڪري پنهنجي زندگيءَ جا فيصلا پاڻ ڪن، پنهنجو جيون ساٿي پاڻ چونڊين پر اُها آهي ته اسان پنهنجي ٻارن جي قتل يا حادثي جو صحيح سبب نه لهي سگهون ۽ اِن سموري مامري کي ڪو گناهه سمجهي ڍڪي ڇڏيون. جيڪڏهن اسانجي ڌيءَ لطيف جي سهڻي هئي ته اسانکي ان سهڻيءَ ۽ انجي ميهارسان به پيار آهي ۽ ڏم جهڙي هن سماج سان جهيڙو آهي. اسان سچل جا شاگرد آهيون جنهن چيو هو ته سچُو سي ئي سچا جن سِر تي ڪنئي خواري. اهو سچ ڇا آهي اسانکي انجي خبر ڪونهي پر اسانجي پنهنجي ٻارن سان محبت جي تقاضا اها آهي ته اسان ان سچ کي لهڻ لاءِ هٿ پير هڻون ۽ اهو ”سچ“ صرف هن ڪيس جو نتيجو يا موت جو سبب لهڻ ڪونهي پر ان تائين پهچڻ جو رستو پڻ آهي. ٻين لفظن ۾ ناانصافي خلاف مزاحمت نتيجن کان هٽي ڪري پنهنجي پاڻ ۾ به سچ ۽ اتساهه آهي. اسان صرف آسماني انصاف جي آسري تي ويهي نه ٿا سگهون. ڇو ته اسانجي پورهيي تي پلجندڙ سماجي ادارا اسانکي زميني انصاف ڏيڻ جا پابند آهن. انهن ادارن کان اسانجو مطالبو نهايت سادوءِ هڪ آهي اسان کي پنهنجي ٻچن جي موت جو سبب ٻڌايو ۽ سمجهايو. جيڪڏهن اها خودڪشي آهي ته ڇا سان؟ حادثو آهي ته ڪيئن ۽ جيڪڏهن قتل آهي ته ڪير؟ بهرحال جيڪو به موت جو سبب ڏيو ته انکي ثابت ڪيو ۽ پلي پبلڪ ڪيو ته جيئن سچ يا تفتيشي ڇاڻ عوام

تائين پهچي، ته جيئن سپاٽي پين معصوم نوجوانن جا قتل ان ساڳي حادثي واري دليل ۾ لڪي نه وڃن يا نوجوان ڪنهن اهڙي غلطي کان به بچن جنهن ۾ سندن جان وڃڻ جو خدشو هجي. باقي هڪ ڳالهه غور سان سمجهڻ گهرجي اسان جو واسطو اُن نسل ۾ پرت سان آهي جنهن وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي پر حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي. سو هي ڪيس جيڪڏهن واريءَ جو پنڌ آهي ته اهو صرف وارثن لاءِ ناهي.

ماروي لطيفي

: I am Girls’ Power



قنديل بلوچ

عورت جي حق ۾ دليل هئي،
آئي هڪڙي قنديل هئي.

قنديل بلوچ هڪ واقعي دليل ڏيندڙ عورت هئي، چاڪاڻ جو پاڪستاني پدرشاهي رياست ۾ عورت جي جسماني آزادي، سوچ جي آزادي ۽ عورت جي جياپي جي آزاديءَ لاءِ هڪ وڏي قيمت درقار هوندي آهي. اها ئي قيمت قنديل بلوچ کي به ڏيٽي پئجي وئي.

قنديل بلوچ، ملتان جي هڪ ننڍي شهر ۾ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿي. سندس اصل نالو فوزيه عظيم هو. پنٽي پيل علائقن ۾ چوڪرين جي شادي ننڍي عمر ۾ ئي ڪئي ويندي آهي. اها ئي ڪاروائي قنديل بلوچ سان به ٿي پر جيئن ته هو هڪ بهادر عورت هئي، انهيءَ ڪري پنهنجي مڙس کي چوندي رهي ته مان رڳو زال، ماءُ ۽ غلام ٿي جيئڻ لاءِ پيدا ناهيان ٿي. قنديل بلوچ ننڍي عمر کان ئي ڪجهه ڪرڻ پئي چاهيو سندس پيرن تي بيهي خودمختيار ٿيڻ جي خواهش هئس. اُهو ئي سبب هو جو قنديل پنهنجي مڙس کان خُلا وٺي اُهي ڪم ڪيا جيڪي هُو چاهي پئي بنا ڪنهن خوف ۽ روڪ ٽوڪ جي.

’هلندي هوت پنهون ڏي، پؤ مڙئي پيل!‘

لطيف جي هن سٽ مطابق ته پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ، سپني خوفن کي پاسي تي ڦٽو ڪري ڇڏ. اُهوئي پيغام هن بهادر عورت به دل سان هانڊي ڇڏيو. خُلا وٺي قنديل ڪئي نوڪريون ڪيون. هوٽل ۾ Waitress ٿي، بس ۾ ڪم

ڪيو ۽ اهڙيون ئي ننڍيون ننڍيون نوڪريون ڪندي رهي. تنهن کان پوءِ هوءَ شوبز جي دنيا ۾ آئي. پر جيئن ته اسان مردن جي سماج ۾ رهون ٿا، تيئن ئي قنديل کي به هڪ آزاد عورت جي صورت ۾ ڪئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو.

خانگي چينل تي هڪ انٽرويو دوران قنديل چيو ته مان اهڙيون تصويرون ۽ وڊيو ڪلپز پرائي عوام ۽ هن سماج کان بدلو ٿي وٺان، چاڪاڻ جو شوبز جي دنيا ۽ هن سماج جي ماڻهن منهنجي عورت هجڻ جو فائدو ڪٽي مونکي استعمال ڪيو آهي.

پر قنديل بلوچ کي وحشي درندن، پدرشاهي سوچ، رسم و رواج ۽ هن رياست جي نام نهاد ميڊيا قتل ڪري ڇڏيو. قصوروار ڀاءُ ’محمد وسيم‘ سامهون آيو ۽ ڏوهه قبول ڪيو پر ڇا ڀاءُ کي ننڍ ۾ خيال آيو ته قنديل کي ماري ڇڏجي.؟ آخر ڀاءُ کي اڪسائيندڙ ڪير هو؟ قنديل جا ڪجهه فوٽون، ڪجهه ناچ جا ڪلپس (Clips) يا غيرت ڏياريندڙ ميڊيا، فتوا ڏيندڙ مذهبي ٺيڪيدار ۽ سزائن کان پاڪ رياست؟

اها غيرت آهي ڇا؟ جنهن غيرت جي نالي ۾ هر سال 1000 عورتون ماريون وڃن ٿيون.

’منروا طاهر‘ جي مطابق غيرت (Honour) جو مطلب هن رياست اندر هيئين ريت آهي:

ٿوڙو سختي سان، مردن جي غيرت صرف ان ڳالهه تائين محدود هوندي آهي ته عورتن جي ٽنگن جي وچ ۾ ڇا ٿو ٿئي. غيرت کي هن پدر شاهي سماج ۾ هڪ هٿيار جيان استعمال ڪيو وڃي ٿو. جيڪو ان ڳالهه جي يقين ڏهياني ڪرائي ٿو ته ڪابه عورت آزادي پنهنجي مرضيءَ مطابق حاصل نه ڪري.

قنديل بلوچ معاملي کي اڃا به گهرائي سان سمجهڻ جي ضرورت آهي. قنديل معاملو ٻن ڳالهين جي نشاندهي ڪري ٿو: هڪ ته اها ’خريل مائي‘ هئي پيو

هن ’ٻالهه ٻولهه لاءِ انٽرنيٽ جو سهارو ورتو‘ پاڪستان اندر شريف، فرمانبردار عورتون پسند ڪيون وينديون آهن. جيڪي ماٺ جو رستو اختيار ڪن، يا وري پنهنجي پسند جو ڪم ڪري مذهب ۽ رياست جي پوشاڪ پائي ڇڏن.

اسان جي عوام جي ياداشت ڏاڍي ڪمزور آهي. ان جو مثال وينا ملڪ، ميرا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ماڊلز آهن. وينا ملڪ ننگيون تصويرون ڪڍرايون پر جلد ئي ايمان تازو ڪري رياست جي پڙوت ڪئي ۽ ملن کي خوش ڪرڻ لاءِ مذهب جو ٻُرڪو پائي ڇڏيو. ڪئي اداڪار طرح طرح جون تصويرون ۽ وڊيو ڪلپس پرائيندا آهن پر اهي سڀئي ڪوبه نقصان نٿا ڏين جو اُهي قنديل بلوچ وانگر مذهبي ٺيڪيدارن کي ننگو نٿا ڪن ۽ نه ئي رياست کي ٻڌائن ٿا ته اُها ڪيتري نه عورت دشمناٽي آهي.

افسوس سان، جڏهن عورتون ماريون وينديون آهن ته اعليٰ ادارا ۽ عوام اُن ڏوهه کي معنيٰ ڏئي ان جا اثر گهٽائي ڇڏيندا آهن. ان جو ثبوت ڪجهه ئي عورتن جي قتل مان ملي ويندو.

قنديل ڪجهه بي شرم سيلفيون ڪڍيون، سبين محمود بلوچستان تي پروگرام ڪيا ۽ پروين رحمان زميني حقن لاءِ ڪيترا ئي سوال پڇيا. ان مان اُهو واضع ٿئي ٿو ته ڪجهه اهڙا ڪم آهن جيڪي عورتن کي نه ڪرڻ کپن عورتن لاءِ ڪجهه حدون مقرر آهن جي اُهي انهن کي پار ڪنديون ته پنهنجي زندگي تان هٿ ڪڻڻو پوندن.

قنديل بلوچ جو قتل تازو ئي هڪ تاڪيد نامو آهي ته اسان هڪ انتخابيل ناريواد (Feminist) سماج ۾ رهون ٿا. جتي عورتن جي حقن جي ڳالهه ڪبي، تعليم جي حق جي ڳالهه ڪبي. سرمائيداريءَ ۾ عورت سرمايو وڌائي ڏئي، ان حق جي ڳالهه ڪبي. باقي غيرت ۾ قتل ڪندڙ مردن ۽

پدرشاهي سماج کي سزا نه ڏبي. چاڪاڻ جو هن رياست ۾ ’قساس‘ ۽ ’ديات‘ قانون موجود آهن. جنهن مطابق جيڪڏهن ڪو مرد ”پنهنجي غيرت عورت جي ٽنگن وچ مان حاصل نٿو ڪري“ ۽ مجبورن ان کي قتل ڪري سندس گهروارن کان معافي وٺي ٿو ته اهڙيءَ ريت هو باعزت بري ٿي ويندو.

قنديل بلوچ هن رياست ۽ مذهب سماج لاءِ ان ڪري به خطرناڪ هئي جو هوءَ مذهبي ٺيڪيدارن ۽ سياستدانن جا راز پئي فاش ڪري. ’مفتي قوي‘ سان سيلفي ڪڍرائي قنديل پوري سماج کي اُهو ٻڌايو ته جيڪي شرافت ۽ مذهب جو پوش پائي گهمن ٿا، انهن جي اصل حقيقت ڇا آهي؟ اهڙيءَ ريت پروگرام ’کهرا سچ‘ ۾ قنديل بلوچ چيو ته جڏهن اسان جا سياستدان ’مُجرا‘ ڏسڻ ويندا آهن تڏهن ته ڪير ڪجهه ناهي چوندو ڇاڪاڻ جو هو سياستدان آهن جڏهن دل چوين عورت جو ناچ ڏسي سگهن ٿا باقي ڪا عورت پنهنجي مرضيءَ سان ناچ ڪري ته اُهو قابل قبول نٿو رهي. ’حمنا ذبير‘ پنهنجي هڪ لکڻي ۾ چوي ٿي ته انٽرنيٽ تي مون کان ڪيترن ئي ماڻهن پڇيو. آخر قنديل جي قتل کي ايترو ڇو ٿو اُڀاريو وڃي؟ ’هن جي مرڻ سان ته ڪيترا ئي ماڻهو گناهه (Sin) کان بچي ويا آهن نه ته نوجوان مرد قنديل کي ڏسي گناهه ڪندا رهن ها‘.

ماڻهن جا اهي تبصرا اهو ئي اظهاري رهيا آهن ته عورت کي ئي ضابطو ۽ اخلاق سيکارجي. باقي سرمائيداري ۽ پدرشاهي سماج ۾ مرد ته ماءُ جي پيٽ ۾ ئي شريف ۽ اخلاق وارا ٿي ويندا آهن.

تعجب جي ڳالهه اِها آهي ته قنديل پنهنجي آخري Comments ۾ چيو هو ته منهنجو ايندڙ گيت سڀني ڇوڪرين لاءِ هڪ پيغام هوندو ته پنهنجي آزاديءَ لاءِ ويڙهه ڪيو. شادي ئي رڳو عورت جو جياپو ناهي. قنديل

وڏيڪ چيو هو ته مان ڇوڪرين جو حوصلو آهيان I am Girls' Power اُهو سڀ ڪجهه صاف اظهاري رهيو آهي ته قنديل بلوچ تيستائين ڪوبه نقصان نه ڏئي رهي هئي جيستائين هوءَ صرف هڪ جنس هئي، پر جڏهن ان پنهنجي حق جي ڳالهه ڪئي ۽ عورتن کي به همت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن هو پنهنجي مرضيءَ سان زندگي جين ته اُن کي ماريو ويو.

قنديل جي دليري ۽ هن جي قتل جا اثر گهٽائڻ لاءِ مفتي قوي بيان جاري ڪيو:

'ماڻهو قنديل جي قسمت مان سبق سکي سگهن ٿا جنهن مون کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي'.

مفتي قوي ڪيتري نه آساني سان لڪيل لفظن ۾ قتل کي همٿايو آهي ڇو جو مذهبي ٺيڪيدار جو اصلي چهرو سامهون اچي ويو.

قنديل هن قاشسٹ رياست ۽ مذهب سماج لاءِ واقعي خطرناڪ هئي جو هن پنهنجي ذاتي زندگي کي عوامي ڪيو. هن سماج ۾ ذاتي ۽ عوامي زندگي کي الڳ الڳ بيهاريو ويندو آهي. جيئن مفتي قوي عوامي زندگي ۾ پرهيزگار آهي ۽ ذاتي زندگي ۾ عورتن کي استعمال ڪري ڏمڪائيندڙ، سياستدان عوامي زندگي ۾ عوام جا رکوالا ۽ ذاتي زندگي ۾ وحشي درندا ۽ عوام جو رت چوسيندڙ، قنديل ذاتي ۽ عوامي زندگي جي ان لڪير کي ٽوڙڙو پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اُهو ان جو ڏوهه هو. چاڪاڻ جو هتي اسان کي سيکاريو ۽ بار بار ورجايو ويندو آهي ته ذاتي زندگي ۾ سڀ ڏوهه معاف آهن جهڙوڪ: ريپ ڪرڻ، قتل، عوام کي لٽڻ پر عوامي زندگي ۾ شريف ۽ باعزت هجڻ لازمي آهي.

پندرهن جولاءِ تي قنديل بلوچ جو قتل پنهنجي ڀاءُ محمد وسيم جي هٿان اُهو ئي اظهاري ٿو ته اُهو قتل صرف وسيم نه ڪيو آهي پر مذهبي ٺيڪيدارن، پدرشاهي

رياست ۾ نام نهاد ميڊيا ڪيو آهي. جنهن اُهو پئي اظهاريو ته عورت کي پنهنجي ذاتي زندگي، عوامي نه ڪرڻ کپي. قنديل بلوچ جو قتل اُهو به تاڪيد ڪري ٿو ته اسان وٽ اڃا تائين سماج ۾ عورت ڏائڻ ڪري ماري ويندي آهي. ۽ ڏائڻ اُها آهي جيڪا پنهنجي حق لاءِ آواز ڪڍي، جيڪا عورت کي ان جي اهميت جو احساس ڏياري ۽ اُهو ڪري جيڪو دل چويس.

هن بي غيرت سماج کي غيرت وارو ڪرڻ لاءِ شايد اسان کي صديون لڳي وڃن پر غيرت جا نوان معيار جوڙي ڪوڙي ۽ هٺ ٺوڪي غيرت جي نالي ۾ عورتن جو قتلِ عام روڪي سماج جا نوان معيار جوڙڻا ئي پوندا.

عاليه بخشل

هنزه واديءَ جي عورت



اسانجي عام رواجي سمجهه اها آهي ته جيترو سماج شهري يا سرمائيداراڻو هوندو، اوترو عورت جي آزادي جا مادي بنياد سگهارا هوندا. اها ڳالهه ڪوڙ سارن حوالن سان اڄ به درست آهي پر ڪجهه حوالن سان حقيقت انجي ابتڙ به محسوس ٿئي ٿي. مثال طور اڄ ڪنهن شهري يا نوڪري پيشه عورت لاءِ پين مردن سان هٿ ملائڻ يا سگريٽ پيئڻ جيترو معيوب ۽ ڏکيو آهي ايتري سوڙهه بابت پنهنجي سنڌ جي پراڻي ڳوٺاڻي سماج ۾ سوچڻ ئي ممڪن نه هيو جتي عورتون (پنهنجي هٿ تي رئو رکي) ڪنهن کي هٿ ڏئي پئي سگهيون ۽ پيڙي ڪانوڻي حقي تائين سڀ سامهون پئيڻ ۾ ڪو عار محسوس نه ڪنديون هيون. انجو مقصد اهو ڪونهي ته ڪو سگريٽ يا حقو پيئڻ آزاديءَ جي علامت آهي پر چوڻ جو مقصد اهو آهي ته گهر ڪانوڻي زمين تي پورهيي تائين جي عمل، عورت جي سماجيپڻي ڪي مختلف انداز ۾ اظهاريو ٿي. جنهن کي شهري زندگي پردي يا اوباشي جي صورت ۾ ويتر محدود ڪري ڇڏيو آهي. انهن حقيقتن جو احساس ويتر شديد ٿيو جڏهن عوامي ورڪرز پارٽيءَ جي اڳوڻي نائب صدر ڪامريڊ بابا جان جي ورڪ لاءِ گلگت بلتستان جي وادي هنزه ۾ هڪ هفتي تائين ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو.

دنيا جي نائين نمبر وڏي پهاڙ راڪا پوشي جي پاڇي ۾ موجود هڪ ننڍي ڳوٺ ناصرآباد جو رهواسي بابا جان ڪجھ عرصي کان جيل جون سختيون پوڳي رهيو آهي، سندس ڏوهه اهو هيو ته هُن 2011ع ۾ ٿيندڙ لينڊ سلائيڊنگ جي نتيجي ۾ اوچتو 23 ڪلوميٽر ڊگهي نئين ڍنڍ (عطا آباد) جي

متاثر ڳوناڻن جي واهر ڪئي. آءُ جڏهن پارٽي چيئرمين ۽ ڪجهه مقامي ڪامريڊن سان گڏ جڏهن سندس امڙ سان ملڻ انجي گهر ويس ته اتان جي رواج مطابق اوڙي پاڙي جا سمورا مرد ۽ عورتون اسان سان ملڻ لاءِ اتي پهتا. بابا جان جو گهر غريباڻو ۽ تمام گهڻو سادو هيو. جڏهن اسان سندس امڙ جي دلجوئي ڪئي ته هُن پنهنجي مادري ٻولي (شينا) ۾ چيو ته ”مان بابا جان کي هميشه اِهو چوندي ٿڃ ڏني ته ڪڏهن به سچ ۽ غريبن جو ساٿ نه ڇڏجان“ اڄ انهيءَ لوليءَ جو نتيجو آهي ته بابا جان گلگت کان اولهندي طرف ٻن ڪلاڪن جي مسافت تي موجود گاهڪوچ علائقي جي جيل ۾ قيد آهي ۽ اتان ئي هُن اليڪشن وڙهڻ جو فيصلو ڪيو هيو. بابا جان جي ماءُ هڪ آزاد ۽ بهادر عورت هئي ڇاڪاڻ ته اتي جي عورت سنڌ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ خودمختيار ۽ پاڻ ڀري آهي.

جابلو علائقي هئڻ سبب اتي پوک لائق زمين گهٽ آهي ۽ وڏي جاگيرداريون نه هئڻ برابر آهن. اتان جي آباديءَ جو گهڻو تڻو گذر سفر گهر اڳيان ٿوري گهڻي موجود زمين جي پوک ۽ جانورن جي پالنا تي آهي. اهي ٻئي ڪم عورتون ئي ڪنديون آهن. جما ٿيل اپت يا ناڻو به گهڻي ڀاڱي عورتن جي هٿ ۾ هيو. ڪو ڪنهن جو هاري ڪونهي. ڪو ڪنهنجو ماتحت ڪونهي. نتيجي طور مرد جي به اها حاڪميت ڪونهي جيڪا ٻين هنڌن تي اسانکي نظر اچي ٿي. ٻين لفظن ۾ پيداواري عمل ۾ عورتن جي ان اهم ڪردار سبب، فيصله سازيءَ ۾ به عورت جو ڪردار مرد جي ڀيٽ ۾ گهٽ نه هيو. هنزه جي عورتن جي پاڙيري هئڻ پٺيان ٻيو اهم سبب ڪنهن به صنفي متڀيد کان آجو اتان جو تعليمي نظام هيو.

ياد رهي ته هنزه جي گهڻي تڻي آبادي اسماعيلي فرقي سان تعلق رکي ٿي جيڪي سنڌ جي اسماعيلين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سماجي، سياسي ۽ روشن خيال آهن. آغا خاني تعليمي ادارن سبب اتي خواندگيءَ جي شرح (77)

سيڪڙو آهي. ڇوڪريون هجن يا ڇوڪرا پر هاڻ اسڪول تائين گهڻي ڀاڱي سڀ پڙهيل هيا. نه صرف تعليمي ادارن ۾ پر سماجي سطح تي به صنفي متڀيد نه هئڻ برابر هيو. مذهبي جڳهون هجن يا بازارون، اسڪول هجن يا اسپتالون يا زمين تي پورهيو هجي، اُتي ڇوڪريون روڊن رستن تي هڪ مرد وانگر مختلف ڪمن ڪارن لاءِ آزاد گهمن پيون. هڪ ڇوڪري بازار مان جينز پائي، هڪ بيلچو جڏهن ڪُلهي تي کنيون وڃي پئي ته مون ڪانئس پڇيو ته هو ڪيتري پڙهيل آهي؟ جواب ۾ هُن چيو ته " مان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ايم فل جي شاگرداڻي آهيان ۽ موڪلن ۾ هِتي پنهنجي باغ ۾ زمين تي ڪم ڪندي آهيان. مختلف ننڍا وڏا دڪان ۽ چانهه جا هوٽل عورتون هلائين پيون.

ڪريم آباد جي مٿان موجود هزار سال پراڻي قلعي (التت فورٽ) ۾، جيڪو سياحت جي حساب سان هڪ خوبصورت جڳهه هئي، اتي عورتون ئي هوٽل هلائي رهيون هيون. التت ۾ ئي ڪاٺ جو سامان ٺاهڻ جو هڪ وڏو ڪارخانو هيو، جنهن ۾ ڏيڍ سو کان مٿي عورتون ڪم ڪن پيون. آري مشينن ذريعي وڻن وڍن کي چيرڻ ڪانوٽي، فرنيچر تي پالش ۽ گُلڪاريءَ تائين جا سمورا ڪم صرف عورتون ئي ڪري رهيون هيون. اتي جي عورت جو رهڻ سهڻ تمام گهڻو سادو هيو. گهر به تقريبن هڪجهڙا هيا. فرنيچر جو استعمال تمام گهٽ ۽ اوئلي هيو. سڀن جي گهرن ۾ پٽ تي ويهڻ، کائڻ ۽ سمهڻ جو رواج هيو. کائڻ ۽ پائڻ به تمام گهڻو سادو هيو. ايتريقدر جو جڏهن ڪم دوران منهنجي چپل ٽٽي پئي ته مان جڏهن نئين چپل وٺڻ لاءِ دڪان تي ويس ته اتي عورتن ۽ مردن جي جوتن جو فرق بنهه گهٽ هيو. ٻئي جهڙوڪ ساڳين جوتن کي استعمال ڪندا هيا. اتي ڪارو ڪاري، زوري شادي، زنا ۽ صنفي تشدد نه هئڻ برابر هيو. رات جو ٻارينهن وڳي به جوان ڇوڪريون گهر کان ٻاهر وچڻ ۾ بي خوف ۽ آزاد هيون. مادي ضرورتن جي پيداوار، جديد تعليمي نظام

ڪانپوءِ ڪمزور صنفي متپيد جو ٿيون اهم ڪارڻ اتان جي امير ثقافت آهي، جنهنجو ڪجهه ذڪر مٿي ٿي به چڪوآهي ۽ جيڪا عورتن جي سماجي ڪاروهنوار جي اڪثر شعبن منجهه قطعي عيلحدگيءَ کي نندي ٿي. بابا جان جي اليڪشن جي ورڪ لاءِ اسان جنهن به ڳوٺ يا علائقي ۾ وياسين ٿي، اُتي گهرن يا ٻاهر گڏيل ميدان ۾ بزرگ مردن توڙي عورتن سان گڏ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آزاديءَ سان گڏ ٿيا ٿي ۽ هڪ نظم و ضبط ۾ اسانجون تقريرون پئي ٻڌائون. ساز، سُر ۽ ناچ سان سندن تعلق اٽُٽ هيو. هر ڳوٺ ۾ اسانجو استقبال ٻارڙن ۽ نوجوان ڇوڪرن بابا جان جي گيتن تي نچندي ڪيو ٿي ۽ نوجوان ڇوڪريون گهيرو ٺاهي تاڙيون وڄائي ان پرفارمنس کي داد ڏينديون رهيون. اها صورتحال اسانکي ناصرآباد، حيدرآباد، علي آباد، ڊورڪنڊ، التت، ڪريم آباد، مايون، گنيش، گوجال سميت هر ڳوٺ ۾ نظر آئي. التت ۾ ته چونڊ مهم جي آفيس جو افتتاح ئي اتان جي بزرگ عورت ڪيو.

بهرحال مٿي ڄاڻايل سمورن عنصرن جو گڏيل نتيجو اهو هو جو سنڌ جي هڪ عورت سياسي ڪارڪن جي حيثيت ۾ اسان کان هزارين ميل پري پنهنجي هڪ ساٿي لاءِ چونڊ مهم جو حصو بڻجڻ نه صرف مون لاءِ آسان بڻيو پر اهو سمورو تجربو اتساهيندڙ ۽ همٿائيندڙ پڻ هيو. ان تجربي اهو به سيکاريو ته اسان عورتون ڪيترو به پڙهون ۽ هن پدرشاهاڻي سماج کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون پر پنهنجي محدود سماجي زندگيءَ ۽ محدود تجربن سبب وري به ڪجهه رڪاوٽون ۽ بند اسانکي لاشعوري طور اٽُٽ پاسندا آهن پر جڏهن گهمجي ٿو ۽ ٻين سماجن کي ويجهڙائي سان ڏسجي ٿو ته پنهنجي سماج جي حقيقت کي به سمجهڻ آسان ٿي پئي ٿو ۽ انکي بدلائڻ پهرين جي ڀيٽ ۾ لازمي ۽ ممڪن پاسي ٿو.

ثمینہ انصاری

چولہے پر روٹی اور بستر میں محبت کے مسائل



”یہ مسئلہ درحقیقت عورت مرد یا شوہر بیوی والا پرابلم نہیں ہے۔ یہ گھر سنبھالنے والے اور کمانے والے کا بنیادی معاملہ ہے۔ عورت ہو یا مرد، جو کماتا ہے، بد قسمتی سے دنیا کو وہی دکھتا ہے۔ جس کی وجہ سے اسے توجہ کی عادت پڑ جاتی ہے۔ یہ قدرتی ہے۔ جو گھر سنبھالتا ہے، کسی کو نظر نہیں آتا۔ دھیرے دھیرے کمانے والے کو بھی نہیں دکھتا۔ غلطی سے کبھی دنیا کی نظر سنبھالنے والے پر پڑتی ہے تو قدرتی طور پر اسے تھوڑا اچھا لگتا ہے اور کمانے والے کو جھٹکا لگتا ہے۔ ارے ہیرو تو میں ہوں، سپورٹنگ ایکٹر میرے برابر کیسے ہو گیا؟

Ki & Ka فلم کے یہ جملے گھریلوزندگی کی اقدار کے حوالے سے بہت اہم سبق سکھاتے ہیں۔ مشرقی معاشرہ جن روایات پر کھڑا ہے، ان میں سے سب سے بڑی روایت مرد کا کمانا اور عورت کا گھر سنبھالنا ہے۔ کمانے کی وجہ سے مرد عزت، شہرت، دولت اور اقتدار حاصل کرتا رہتا ہے اور اس سب کی اسے عادت ہو جاتی ہے۔ عورت کو یہ حاصل نہیں ہوتا۔ مرد اسے یہ سب حاصل کرنے بھی نہیں دیتا مبادا عورت اس سے یہ سب چھین نہ لے۔ یہ ریت پورے معاشرے میں سرایت کر چکی ہےمرد کو بلاوجہ ہی عزت دی جاتی ہے اور عورت کو بہت کچھ کرنے پر بھی پھٹکار ملتی ہے۔ جس مرد کو یہ سب نصیب نہ بھی ہو، پھر بھی معاشرہ اسے یہ سب حاصل کرنے کی جدو جہد کا حق دیتا ہے۔ اس کے مقابلے میں عورت کتنی بھی صلاحیت مند کیوں نہ ہو، معاشرہ اسے یہ سب پانے کی اجازت نہیں دیتا۔

Ki & Ka سے پہلے 1973میں ہرش کیش مکھرجی کی ہدایت کاری میں بننے والی فلم ”ابھیمان“ پر بات کرنا ضروری بنتا ہے۔ ”ابھیمان“ میں امیتابھ

بچن ایک گلو کار ہے ، اس کے پاس شہرت ہے اور اس کے پیچھے پروڈیوسر وقت لینے کے لیے بھاگتے ہیں۔وہ دولت میں نہال ہے ۔ ایسے میں ایک گاؤں کی سیر کے دوران اسے جیا بچن ملتی ہے جو بہت اچھا گاتی ہے۔ امیتابھ اسے بیاہ کر شہر لے آتا ہے۔ جب اس کی صلاحیت کا سب کو علم ہوتا ہے تو اس کی شہرت راتوں رات آسمان کو چھو لیتی ہے۔ امیتابھ یہ دیکھ کر جلنا شروع ہو جاتا ہے اور دھیرے دھیرے اپنے فن کو توجہ دینا چھوڑ کر جیا بچن کی شہرت سے جلتا ہوا سب کچھ تباہ کرنے لگتا ہے۔ ان کی ازدواجی زندگی تباہی کا شکار ہونے لگتی ہے اورجیا بچن اسے چھوڑ کر چلی جاتی ہے جو فلم کے آخر پر Happy Endingکے لیے دوبارہ ملوا دی جاتی ہے۔ میں اکثر سوچتی تھی کہ امیتابھ کی اصل زندگی میں یہHappy Ending نہیں آئی۔ جیا بچن بھی ایک بہت اچھی اداکارہ تھی لیکن امیتابھ کے امیج یا کسی بھی اور سماجی دباؤ کے احساس نے اس کے فن کا گلا گھونٹ دیا اور وہ ایک گھریلو عورت بن کر امیتابھ کے حاصلات کا حساب رکھنے والی منشی بن کے رہ گئی۔ بہت ہوا تو' ہر کامیاب مرد کے پیچھے....'سننے کو مل گیا۔ یہی اس بیچاری کی زندگی ہے۔

حال ہی میںR Balki کی ہدایت کاری میں بننے والی فلم Ki & Ka میں کہانی کا یہی ٹریک ریکارڈ الٹا کر دیا گیا ہے۔ ارجن کپورایسا لڑکا ہے جو لڑکی کی طرح گھر سنبھالتا ہے اور کرینہ کپور ایسی لڑکی ہے جو لڑکوں کی طرح ملازمت کرتی ہے اورگھریلو ذمہ داریوں سے آزاد ہونے کی وجہ سے کارپوریٹ سیکٹر مینتیزی سے ترقی کے زینے طے کرتی چلی جاتی ہے۔ ارجن کپور کچھ بھی نہیں کرتا لیکن پھر بھی ایک گھریلو مرد ہونے کے حوالے سے وہ لوگوں کی نظروں میں آنے لگتا ہے ۔ انٹرویو، ٹی وی شوز، اشتہارات، سوشل میڈیا وغیرہ کے ذریعے اس کی شہرت بھی پھیلنے لگتی ہے اور وہ ایک سٹار بن جاتا ہے۔ اس کی بیوی اس کی ان حرکتوں کی وجہ سے بہت حسد کرتی ہے اور اسے گھر سے باہر جانے سے منع کر دیتی ہے۔ آخر پر اسی بات کو لے کر جھگڑا ہوتا ہے جو ایک دفعہ پھر Happy Endingکے لیے سلجھ جاتا ہے۔

ان دونوں فلموں کو دیکھنے سے ایک بات سمجھ میں آ گئی کہ ہمارے ہاں گھریلو زندگی کا دارومدار اس بات پر ہوتا ہے کہ عورت اور مرد میں سے کون اپنا حکم چلائے گا اور کون صرف حکم مانے گا، محبت کے اس رشتے کو

برابری اور مساوات کی سطح پر استوار کیا ہی نہیں جاتا۔ اس حکومت اور اقتدارکو مضبوط کرنے کے لیے دونوں فریق ہر طرح کا حربہ اپناتے ہیں۔ جس کا حکم چلتا ہے وہ دوسرے کی آزادی تک سلب کر لیتا ہے۔ اپنی صلاحیتوں کے مطابق اپنی زندگی بنانا تو الگ، مرضی سے جینا، آنا جانا، ملنا ملانا بھی ختم کردیتا ہے۔ جو بھی ہو گا، اسی کی مرضی سے ہو گا۔ عام طور پر یہ سمجھا جاتا ہے کہ حکم صرف مرد کا چلے گا اور عورت پر لازم ہے کہ اس کے ہر حکم پر سرِ تسلیم خم کرے۔اگر کوئی پوچھے کہ ایسا کیوں ہے تو 'کیوں کہ یہ معاشرے کی روایت ہے'، 'کیوں کہ یہ مذہب کا حکم ہے'، 'کیوں کہ ... 'اچھا نہیں لگتا'جیسی وجوہات تلاش کر لی جاتی ہیں۔ لیکن ان دونوں فلموں کو دیکھ کر سمجھ میں آتا ہے کہ بات ایسی نہیں ہے۔ اصل مسئلہ معیشت کا ہے۔ گھرکے تخت پہ وہی قابض ہو گا جس کے پاس کرسی ہو گی، اسی کا سکہ چلے گا جس کے قبضے میں ٹکسال ہو گی۔ جو کمائے گا ، وہی گھر چلائے گا۔ دوسرے فریق کو صرف اس کے حکم کے مطابق اس کا ساتھ دینا ہے۔ اس کا سہارا بننا ہے۔ اسے اپنی زندگی تیاگ دینی ہو گی۔ اس کی اپنی کوئی زندگی نہیں ہو گی۔

فلمKi & Kaیہ سوال اٹھاتی ہے کہ کیا ہم لوگ شادی کے بعد اپنے ازدواجی تعلقات کو برابری کی سطح پر تعمیر نہیں کر سکتے۔ کیا عورت مرد گھر اور باہر کی ذمہ داریاں مل کر نہیں نبھا سکے۔ کہاں لکھا ہے کہ عورت ہی گھر کے سبھی کام کرے اور آخر پر یہ بھی سنے کہ تم کرتی ہی کیا ہو۔ اگر مرد بھی اس کا ہاتھ بٹا دے تب شاید اسے کام کے بوجھ کا احساس بھی ہو گا اور اس کی ازدواجی زندگی زیادہ مضبوط بنیادوں پر قائم بھی رہے گی۔ آخر اس میں حرج ہی کیا ہے اگر مرد بھی وہ کام کر لے جو ہمیشہ عورت کی ذمہ داری ہے ۔ کیا عورت کو اپنی زندگی اپنی صلاحیتوں اور خواہشوں کے مطابق گزارنے کی آزادی نہیں مل سکتی ؟ کیا عورت کو ہمیشہ کیرئیر اور خاوند دونوں میں سے ایک ہی منتخب کرنا پڑے گا؟

حسين مسرت

بينظير ۽ مصطفيٰ: وسامي ويل ڏيئا



هوءَ انقلابڻ هئي، انقلابين جو رت رائيگان ناهي ويندو، انقلابين جو رت تاريخ تي فرض هوندو آهي.

بينظير جو خون به ائين ئي آهي، هوءَ عملي جدوجهد ڪندڙ ڇوڪري، انقلاب جي رستن تي تمام ننڍي عمر کان قدم ڌري چڪي هئي. پڙهيل لکيل، باشعور ڇوڪري، جيڪا هن سماج جي روين کان به واقف هئي. هن زندگيءَ جي ڏکيائن کي پروڙيو ته انهن جي تبديليءَ لاءِ عملي سياسي جاکوڙ جو حصو بڻجي ويئي. زندگيءَ سان پرپور پيار ڪندڙ ڇوڪري. جيڪا 17 جون تي حياتي هارائي وئي.

ڇا ٿيو پلا! سوين هزارين ڇوڪريون مارجي وينديون آهن، اها ڪا نئين خبر، نئين ڳالهه ته ناهي. سوين ڇوڪريون غيرت جي نالي تي ڪسجن ٿيون. سوين ڇوڪريون ان غيرت جي مرده تصور کي بچائيندي خودڪشي ڪري ڇڏينديون آهن. پر هر قتل هر خون ساڳيو پسمنظر ناهي رکندو. افسوس ته اسان جي پدرشاهي سماج پنهنجا بنياد ايترا ته مضبوط ڪيا آهن جو سوچ جا رخ ۽ زاويا اسان کي ان طرف وٺي ويندا آهن، جنهن طرف هو اشارو ڪندا آهن.

بينظير جو قتل 17 جون 2016ع تي ٿيو. قتل ڪيئن ٿيو، ان سوال کي حل ڪرڻ بدران تڙ تڪڙ ۾ ميڊيا تي اها خبر هلائي وئي ته، بينظير ۽ سندس ڪلاس فيلو ساٿي مصطفيٰ شيخ خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. ايئن ئي ٿيندو آهي. مخصوص سوچون ائين ئي سوچينديون آهن ته جيڪڏهن نوجوانن جو گڏيل موت ٿيو آهي ته ان جو سبب محبت ۾ ناڪامي يا وري مائٽن پاران شاديءَ ۾ ڪا رڪاوٽ ٿي سگهي ٿي. ڏوهه کي ڏوهه قرار ڏيڻ بجاءِ قتل ٿيندڙ انسانن لاءِ ڪهاڻيون ٺاهڻ جي روايت نئين ناهي.

هي حيدرآباد ۾ پنهنجي نوعيت جو ٽيون واقعو آهي، جنهن ۾ پڙهيل لکيل نوجوانن جي قتل کي، حادثو يا خودڪشي قرار ڏيئي خون لوڙهيو ويو آهي. مائٽ، سماجي روين ڪارڻ چپ ڪري ويهي رهندا آهن ته خاندان جي بدنامي ٿيندي. عزت غيرت جي تصور کي بچائڻ جي چڪر ۾ ڏوهه کي اهڙو مخصوص رنگ ڏنو ويندو آهي، جنهن ۾ ڏوهه لڪي ويندو آهي ۽ جيڪي مقتول هوندا آهن، اهي ڏوهاري بڻجي ويندا آهن. وڏي ۾ وڏو سوال ته مقتولن جي هڪ جاءِ تي موجودگيءَ جو هوندو آهي. حيدرآباد جو شهر علمي ادبي شهر ليکيو وڃي ٿو. هي علم ۽ ادب جو مرڪز آهي. حيدرآباد سوشل ايڪٽوٽيز ۾ سياسي سرگرمين ۾ سدائين سرگرم نظر ايندو آهي. هن شهر ۾ نوجوان ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جون علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون آهن. مجموعي طرح هن شهر جو ماحول ٻين شهرن جي مقابلي ۾ گهٽ بدامني رهي آهي. پر سماجي روايتون ۽ ذاتي خانداني روايتون ۽ رويا ساڳيا ئي آهن. ماڻهو ڏوهه کان ناهن ڊڄندا. 17 جون تي ٿيندڙ بينظير قادري ۽ مصطفيٰ رضا شيخ جي قتل کي ائين

ئي رپورٽ ڪيو ويو. قاتل هن خوني منصوبي کي ايئن ئي دنيا جي اڳيان پيش ڪيو ته جيئن اهو قتل به لڳه مٿي ٿي وڃي.

هن انڌوناڪ حادثي جي پوليس جانچ ڪري رهي آهي. مصطفيٰ رضا شيخ پنهنجي گهران نڪتو هو ۽ بينظير قادري پنهنجي آفيس مان نڪتي هئي. پوءِ وري هنن جا لاش گڏ هڪ گاڏيءَ ۾ سول اسپتال آندا ٿا وڃن. هڪ وڳي منجهند کان شام 5 وڳي تائين جيڪو ڪجهه ٿيو، اهو منظر تان گم آهي. پوليس جو ڪم انهن 4 ڪلاڪن جي ڪهاڻي کي ڳولڻ آهي. بينظير ۽ رضا شيخ ڪلاس فيلو هئا ۽ اڳتي هنن زندگي گڏ گذارڻ جو فيصلو به ڪري ورتو هو، جنهن تي انهن جي مائٽن کي ڪوبه اعتراض نه هو، اهي ٻئي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ معاشي جدوجهد جو حصو بڻجي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ويجها دوست ٻڌائين ٿا ته مثبت سوچ رکندڙ، زندگيءَ سان پيار ڪندڙ، بامقصد زندگيءَ جا خواب ڏسندڙ نوجوان هئا.



جيئن ته مصطفيٰ رضا شيخ جو پنهنجو ڪاروبار به هو ۽ سندس خانداني پسمنظر ۾ جيڪي به شخصيتون آهن، اهي اهم سرڪاري عهدن تي فائز آهن. معاشي طرح پاڙيرو خاندان آهي. ان ڪري ڪاروباري اختلاف ۽ ذاتي دشمني واري عنصر کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پوليس پنهنجي روايتي ڪردار ۽ سوچ

موجب تڪڙا قدم نه کڻي سگهي. چو ته ٻڌڻ ۾ آيو پئي ته آفيسر به اهو پيا چون ته بيڻل گاڏيءُ ۾ اي سي هلڻ جي ڪري نوجوانن جو حادثاتي موت ٿيو آهي. پر هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن بينظير قادريءَ جي خاندان پاران موقف ظاهر ٿيو، تڏهن هاڻ پوليس جانچ جو دائرو به وڌايو ۽ ڪجهه ماڻهن جا بيان به رڪارڊ ڪيا ويا آهن. حادثي ۾ استعمال ٿيل ڪار کي به پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي چڪي آهي. مصطفيٰ شيخ جي پوسٽ مارٽم جي رپورٽ اڃا نه ملي آهي. سڀ ڪجهه پنهنجي اصولن ۽ طريقين موجب ٿي رهيو آهي. هن افسوسناڪ قتل جي معاملي ۾ بينظير قادريءَ جي ويجهن دوستن جا رايا گهڻا مثبت آهن. انهن مخصوص عزت، غيرت جي تصور کي ٽوڙيندي ڪيس جي آيف آءِ آر ڪرائي ۽ هر قسم جي حالتن کي منهن ڏيڻ جو اعلان ڪيائون. بينظير پاڻ به انقلابڻ هئي، پنهنجي نازل قد بت ۾ هوءَ مضبوط روح جي مالڪ ڇوڪري هئي.

هوءَ زندگيءَ ۾ به جدوجهد ڪندڙ هئي ته هاڻ قتل ٿيڻ کان پوءِ هن جو قتل ٻين به گهڻن لڪل قتلن کي ظاهر ڪندڙ ثابت ٿيندو. اسين سماج کي تبديل نٿا ڪري سگهون، اهو ائين ئي رهندو. اهي غيرت جا تصور به ايئن ئي رهندا، پر گهٽ ۾ گهٽ اهي ڪجهه ماڻهو جيڪي ڪنهن نه ڪنهن جدوجهد سان سلهاڙيل آهن. انهن جو سماج سان ٽڪرائڻ تاريخ جو حصو ضرور ٿيندو. سوين ڳالهيون بينظير جي ماءُ ٻڌايون هونديون، سوين سوالن جا جواب بينظير جي پيءُ ڏنا هوندا. ماما، چاچا گهر جون ٻيون، عورتون گهڻن پاسن کان نشاني تي هونديون، پر انهن پنهنجي ڏک کي جدوجهد ۾ تبديل ڪري انصاف لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون آهن. مثبت ۽ ترقي پسند انقلابي ۽ عملي سياسي جدوجهد ۾

حصو وٺندڙ هنن سني فردن کي خبر آهي ته انقلاب جا رستا خون سان رڱيل هوندا آهن. پر انقلابين جا خون رائيگان ناهن ويندا. اهو ڏينهن ضرور ايندو، جيڪو بينظير جي مائٽن کي انصاف ڏياريندو. اسان جا نوجوان جيڪي زندگيءَ جي خوشين ماڻڻ لاءِ زندگيءَ جي رستن تي قدم ڌري رهيا هئا. انهن جو ايتري بيدرديءَ سان ٿيندڙ قتل نهايت افسوسناڪ آهي. قاتل ان گمان ۾ هوندو ته اهو ڏينهن ڏٺي جو ڪيل قتل سماج جي روايتن ۾ رسمن هيٺ دفن ٿي ويندو، اهي پئي مستقبل جا روشن ڏيئا هئا. جن کي وقت کان اڳ اجهايو ويو. اهي ڏيئا هاڻ جدوجهد جي رستن تي هلندڙن کي واٽ ڏيکاريندڙ ثابت ٿيندا. هن قتل جو انصاف ضرور ٿيندو، بيگناهه انصاف لاءِ بيهڻ وڏي شيءِ آهي. قانوني رڪاوٽون، قانون لاڳو ڪرڻ وارن ادارن جون ڪوتاهيون، زماني جا زهريلا ڏنگ، هر قسم جي سماجي رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. ڏوهه کي ڏوهه ثابت ڪرڻ اسان وٽ ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم آهي. انهن سڀني حالتن کي منهن ڏيڻ جو حوصلو ڪندڙ ساٿين ۾ مصطفيٰ رضا شيخ ۾ بينظير قادريءَ جي مائرن ۾ پينرن کي سرخ سلام، جن 20 سال پنهنجي اولاد کي پالي وڏو ڪيو. جڏهن انهن ٻارن کي ڪاميابيون ڏسڻ جو وقت آيو ته ظالم قاتلن انهن کان خوشيون ڏسڻ جو حق به کسي ورتو. انصاف لاءِ منتظر سڀني ساٿين کي سرخ سلام.

امر سنڌو

لطيف جي سنڌ جي علامت ؛ بينظير قادري جي ماءُ

مون هن ديس جون ڪيترين ئي ڦٽڪندڙ مائرون ڏٺيون آهن،
جن جي ڪُک جو پورهيو ڌيءُ ٻار جي شڪل ۾ چواٽي تي ڪٺو وڃي ٿو.
مون انهن روح رنجايل مائرن کي هن ديس کان شاڪي ٿيندي ڏٺو آهي،
جو هن ديس وٽ سندس لاءِ ڪا آٿت آهي نه وري
سندن ڳوڙهن اگهڻ جيترو ئي ڪو پوتي جو پلاند آهي
جو، هيستائين هن ديس رڳو پڳ کي ئي سنڀالڻ پويان
بربادي جو سامان ڪٺو ڪيو آهي.
سوچيم ٿي ته
هن سان ملندس ته ڪيس آٿت ڪئين ڏيندس؟
هو رئندي رئندي نه سنڀلبي ته
ڪيس ڪيئي پرچائيندس..........
مارجي ويل ڌيئرن جا رت هاڻا زخم مائرن جي سيني ۾ سدائين ساوا رهندا آهن.
ڪهڙي ڪوڙ بدوڙ جو مرهم ڏئي سندس هانون جي جهير کي پتيون ٻڌيندس.
مون ڪيترين ئي مائرون ڏٺيون هن جن جون ڌئيون ڪهاڙين هيٺ آيون هيون.
ڪلاشنڪوف جي برسٽن سان جنجا عضووا چيچريا ويا هئا.
ڪيئن وسرندي
ٽنڊي ڄام يونيورسٽي جي پروفيسر جي زال،
شازيه ابڙو جي ماءَ؛
ملڻ وقت، جنهن جي اک ۾ ڪو ڳوڙهو نه ته هو...............

پر سندن لفظ لفظ مان خون ٽمي رهيو هو،
جڏهن هن پنهنجي ڪئل ڏيءُ بابت ٽي ڳالهايو.
دراصل ڏيئرون مائرن لاءِ ناآسوده خواهشن
۾ تعبير تائين نه پهچي سهڳهندڙ خوابن جي ڀيهر اٽت هونديون آهن.
شازيه پڻ پنهنجي ماءِ جي ان آزاد اُڏام واري خواب جو تسلسل
جنهن ۾ هن پنهنجي پاڻ کي هڪ آزاد ۽ خود مختيار ڏسڻ ٽي گهريو
پنهنجي انٽوري خواهشن تي پڏل خواب
هن شازيه جي صورت تاتي، پالي وڏو ڪيو هو
ته هوءُ نوڪري ڪري
پاڻ ڳاڏي هلائيندي گهر موٽي ٽي،
ان جي تڪميل جو مرحلو ويجهو اچي پڳو هو
سندس وڏور ڏيءُ يونيورسٽي جي تعليم مڪمل ڪري رزلٽ جي اوسيئڙي ۾ هئي
ڪيس اوچتو ڏيءُ جو رت ۾ پڏل لاش مليو هو،
شازيه ابڙو کي پنهنجي سوٺ غيرت جي نالي ۾ قتل ڪيو هو.
ڪيترن سالن جي وٽي ڪانپوءِ هو ٽنڊي چام مان
پنهنجي ڄم ڳوٺ باقراٽي، لاڙڪاڻي وئي هئي،
ڪنهن شدي ۾ واپسي تي رت ۾ ٻاڙهو لاش سندس ماءُ وٽ ڪڇي آيو هو.....
معاملو گهر جو هه، راڃوٽي ٽي
ديش هن جي زطمن کي ڪونه سڃاتو
راڃوٽي معنيٰ هو ڪاري هئي.
پر مون ان اٽپڙهيل ماءِ کي تڙپندي ڏٺو
۽ چوندي ٻڌو ته
”منهنجيءُ ڪير جهڙي اچي هئي

پوءَ سندس پروفيسر والد اها راڇوٽي چو قبولي.
پڙهيل ملن منهنجي ڌيءُ جو خون لوڙهي ڇڏيو۔ “
ڪيس پنهنجي پروفيسر مڙس کان شڪايت هئي.
ٽرام سينٽر ڪراچي کان وٺي
هن جي اندر جي سڪون لاءِ ڪٿي ڪٿي نه وياسين
پر سندن ٽٽل دل پيهر نه جڙي.
ان کان پوءِ مون شهداد ڪوٽ جي نازيه سولنگي جي ماءُ ڏٺي
سندس ڌيءُ پڻ هڪ ٽتي ۾ پهري ۾ سندس مڙس ڪلاشن جا برسٽ هٽي ماري ويئي هئي.
هو پڻ ان وقت پنهنجي نوڪري مان واپس اچي رهي هئي.
پوسٽ مارٽم رپورٽ موجب سندس اندريون ڪو به عضوو سلامت نه هو
اهو هن ماءُ کي پتو نه هو
پر ڪيس هڪ ئي تڙپ هئي
ته آخري ويلي تي سندس ڌيءُ کي ٻه ڍڪ پاڻي به نصيب نه ٿيو
۽ پوليس قاتل کي آڱر به نه لڳائي آهي...
سنڌ جون اهي بدنصيب مائرون کهڙي مٽي جو ٺهيل آهن جو ڪاري ڪري ماريل پنهنجي ڌيئن کي نه سماج ۾ اڇو اجرو ثابت ڪري سگهن ٿيون نه وري انهن جي بي گناهي قتل تي ڪو انصاف وٺي سگهيون آهن.
انڪري ساه ڪٽڻ کان قبر تائين جي سفر ۾
سڏڪڻ ۽ ڦٿڪندو رهڻ سندن مقدر بڻجي ويل
مونکي شهداد ڪوٽ جي هڪ ماءِ پڻ ياد پوي ٿي
جيڪا عورتن جي پروگرام جو ٻڌي هڪ فوٽو رئي ۾ ٻڌي ڪٽي آئي هئي
چيو هئائين

”سردار چون ٿا ته پئسا وٺ جرڳو ڪر.......سزا ڀڙا ڪانه ايندي“

فوٽو وڌائي جڏهن منهنجي هٿ ۾ ڏنائين ته مونکان دانهن نڪري ويئي هئي

فوٽو ۾ گلن جهڙي معصوم جو ڳلو ڪپيل هو.

ان ڪري مون سوچيو ٿي ته

جي هي بينظير قادري جي ماءُ مون سان ملندي ته

ڪيس ڪهڙي آٿت ڏبي،

ڪئين ڪيس پرچائبو

هو آئي ....سامهون ويٺي

اکيون بيشڪ خشڪ، بظاهر پاڻ کي ڪمپوز ڪيل،

پر چپ ته درد جو درياه هئي

اندر ۾ تڙپ، آڳ ڪيس بي چين ڪيو بيٺي هئي

ڪمال جو ضبط هو،

هن ڳالهه ۾ ئي پيرا ڪڍڻ شروع ڪيا

ائين هن پيرا ٿي ڪنيا.....

جئين ڳوٺ ۾ پيري ڍور چورن جا پيرا ڪڍندا آهن

پر هي ڍور چوري نه هئي

ان جوان ڌيءُ جو قتل هو جنهن لاءِ دنيا جي سڀني خود غرض مائرن جيان

هن پنهنجا پيٽ پاءُ وساري پرن کي ساهن ۾ سانڍي پاليو هو

هن پنهنجي دل کي تيستائين قابو ۾ رکيو

جيستائين بينظير جي بيجان جسم کي غسل ڏيئي

تدفين لاءِ ڪنيو ٿي ويو..

جڏهن ڪٽولو سندس ”بينا“ کي ڪٽي روانو ٿيو ته

اوچتو چپ هو سڪتي مان نڪري آئي

هن گهر وچڻ کان انڪار ڪيو ته

سندس گهر ته سندس ڌيء۔”بينا“(بينظير قادري)

هئي.

اها بينا جنهن کي هن دنيا ۾ جئڻ لاءِ صفا ٿوري مهلت ڏني وئي هئي.

سندس زندگي ائين ڪسي وئي
جئين ماءُ دانهن به نه ڪري سگهي
پر هن پنهنجو دک وساري قاتل جا پير کنيا
هي سنڌ جي اها ماءِ جنهن چيو ته
جي سماج سهٽي چئي منهنجي ڌيءُ جي قتل تي پردو رکڻ ٿو چاهي ته
مان لطيف ٿي ان جي محبتن آڏو سيس نمائيدس
هن وٽ پوليس جي روئي جي دانهن هئي
جنهن بار بار پي قاتل جا پير ڏکڻ جي ڪوشش ڪئي
هو پاڻ سنڀالي بيٺل
پر موڪلاٽي وقت سندن اکين جا بند پڇي پيا هئا،
مون ڪنهن زماني ۾ ”خانه بدوش“ پڙهيو هو
جيڪا هڪ ماءِ جي درد ڪهاٽي هئي جنهن ۾
سندس ڌيءُ جي موت جو ذڪر هو
سندس چوڻ ته ڪيس زندگي ۾ سارهه شگفته جي ٻارن جي موت واري تحرير
۽ اجيت ڪور جي ”خانه بدوش“ واري تحرير دل کي لوڏي چڏيو هو
پر ڪيس اهو ڪنهن گمان ۾ به نه هو
ته ڪيس پنهنجي جوان ڌيءَ جو ڏک ائين سنڀالڻو پوندو،
ٻين دکي مائرن جي برعڪس
جن ڌيئن جي موت جا سور اندر ۾ سهي ورتا
بينظير جي ماءَ
نئين سنڌ جي علامت بنجي هڪ ئي وقت

سماج جي مدي خارج تصور ۽
رياست جي نا اهلي کي چيلنج ڪيو بيٺي آهي....
۽ ماڻهو ڪيس چون ٿا
قاتل جي تلاش اهو واريءَ جو پنڌ اٿو
هو هن واري جي پنڌ تي ڪاهيندي پئي وڃي پنهنجي سڄي ڪٽنب سان
اهو چئي ته
”جنهن عزت ۽ غيرت تي زمانو تڳي ٿو اسانجو ان سان ڪو واسطو ڪونهي. اسان لاءِ سڀ ڪان وڏي بيعزتي اِها ناهي ته اسانجا ٻار وڏا ٿي نوڪريون ڪري پنهنجي زندگيءَ جا فيصلا پاڻ ڪن، پنهنجو جيون ساٿي پاڻ چوندين پر اُها آهي ته اسان پنهنجي ٻارن جي قتل يا حادثي جو صحيح سبب نه لهي سگهون ۽ اِن سموري مامري کي ڪو گناهه سمجهي ڊڪي ڇڏيون. جيڪڏهن اسانجي ڌيءَ لطيف جي سهڻي هئي ته اسانکي ان سهڻيءَ ۽ انجي ميهارسان به پيار آهي ۽ ڏم جهڙي هن سماج سان جهيڙو آهي.“
بس سنڀالٽوآهي،
ته نئين سنڌ جي هي علامتي ماءُ
ڪٿي ٿڪجي نه پوي
ڪپي هارئجي نه وڃي.
ورنه جي هن هارايو ته
رڳو هڪ ماءُ نه هارائيندي پر لطيف ۽ سچل واري سڄي سنڌ هارائي ويندي.